جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
ABC
CARTL
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر:
سيد گل شاه
جلد 16 | جمعو 11 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 28 ربيع الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 330

سنڌ ۾ 500 اي وي بسز جي خريداري ۽ لاجسٽڪس پارڪ جي منظوري جو فيصلو

ٽرانسپورٽ ڪاتي لاجسٽڪس پارڪ جي قيام ۽ 500 اليڪٽرڪ بسز جي خريداري وارن منصوبن جي سنڌ ڪابينه کان منظوري وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو

اجلاس ۾ صوبي ۾ ماس ٽرانزٽ نظام جي واڌ، جديد ۽ ماحول دوست پبلڪ ٽرانسپورٽ ڪي هٿي، لاجسٽڪس پارڪ جي قيام ۽ 500 اي وي بسز جي خريداري سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

اجلاس ۾ ايس ايم ٽي اي بورڊ جي ميمبرن، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، ايم ڊي ايس ايم ٽي اي بهزاد ميمڻ، ڊي آئي جي ٽريفڪ پير محمد شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شريڪ ٿيون

ٽرانسپورٽ جي شعبي بابت مختلف انتظامي، ٽيڪنيڪي ۽ عملي معاملا ماس ٽرانزٽ منصوبن جي اڳيرائي ٽريفڪ مينجمينٽ ۽ شهرين ڪي جديد سفري سهولتن جي فراهمي جي حوالي سان به تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

لاجسٽڪس پارڪ جي قيام ۽ 500 اي وي بسز جي خريداري لاءِ ضروري ڪارروائي مڪمل ڪندي سنڌ ڪابينه کان منظوري حاصل ڪئي ويندي : شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت طرفان لاجسٽڪس پارڪ جو قيام ڪراچي جي شهرين لاءِ هڪ انقلابي ڪم هوندو. لاجسٽڪس پارڪ جي تعمير سان شهر ۾ هيوي ٽريفڪ جو دٻاءُ وڏي پيماني تي گهٽ ٿي ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ٽرانسپورٽ ڪاتي لاجسٽڪس پارڪ جي قيام ۽ 500 اليڪٽرڪ بسز جي خريداري وارن منصوبن جي سنڌ ڪابينه کان منظوري وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. اهو فيصلو سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ايس ايم ٽي اي بورڊ جي اجلاس ۾ ڪيو ويو. اجلاس ۾ صوبي ۾ ماس ٽرانزٽ نظام جي واڌ، جديد ۽ ماحول دوست پبلڪ ٽرانسپورٽ ڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

حڪومت ڪاروباري برادري کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: وزيراعظم

واپار کي فروغ ڏيڻ ۽ ڪاروباري سرگرمين کي آسان بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي واپاري عملن ۾ غير ضروري دير کي ختم ڪرڻ، ڪاروباري خرچ گهٽائڻ ۽ برآمدات کي فروغ ڏيڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن

حڪومت واپاري سهولتن ذريعي پاڪستان کي علائقائي ۽ عالمي سپلائي چين جو هڪ مؤثر حصو بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي. واپاري سهولت بورڊ جو بنيادي مقصد واپارسان لاڳاپيل سيني طريقيڪار ۾ رڪاوٽون ختم ڪرڻ آهي

وڏي مقدار وارن بندرگاهن تي سيني لاڳاپيل ادارن کي ڪاروباري برادري کي هڪ جڳهه تي سهولتون فراهم ڪرڻ گهرجن. مختلف ادارن جي گڏيل معائني ۽ گڏيل پروفائلنگ سسٽم کي فروغ ڏنو وڃي

سيني نان ٽيرف قدمن جو جامع آڊٽ ڪيو وڃي ۽ واپار ۾ غير ضروري رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن پاڪستاني بندرگاهن تي سڌي طرح شپنگ لائينون آڻڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

سڌي طرح شپنگ جي سهولت پاڪستاني ڪارخانن کان عالمي خريد ڪندڙن تائين شين جي ترسيل کي آسان ۽ تيز بڻائيندي، وزيراعظم پاران نيشنل ٽريڊ پرفارمنس انڊيڪس تيار ڪرڻ جي هدايت

نيشنل ٽريڊ پرفارمنس انڊيڪس اهم اشارن کي ماپيندو جنهن ۾ ڪارگو جي رهائش جو وقت، ڪسٽم ڪليئرنس، لاجسٽڪس، جهاز جي ڪليئرنس جو وقت، پوسٽ ڪليئرنس آڊٽ ۽ پري ڪليئرنس شامل آهن

اسلام آباد(بيورو)واپاري سهولت بورڊ جو پهريون اجلاس وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ٿيو. وزيراعظم چيو ته حڪومت ڪاروباري برادري کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.وزيراعظم چيو ته واپار کي فروغ ڏيڻ ۽ ڪاروباري سرگرمين کي آسان بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. وزيراعظم جو چوڻ آهي ته واپاري عملن ۾ غ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

اتحادي پارٽين جي وچ ۾ لاڳاپا معمول تي اچڻ تائين قومي اسيمبلي جو اجلاس نه گهرائڻ جي تجويز

پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ(ن) جي وچ ۾ لاڳاپا معمول تي اچڻ تائين قومي اسيمبلي جو اجلاس نه گهرائڻ جي تجويز ڏني وئي

پيپلز پارٽي حڪومت سان ايوان ۾ مڪمل تعاون نه ڪرڻ جي فيصلي تي قائم آهي

مسلم ليگ(ن) کي پ پ قيادت سان رابطا وڌائڻ ۽ معاملا حل ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو

اسلام آباد (بيورو) پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) جي وچ ۾ اعتماد جو بحران اجان تائين ختم نه ٿي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

وزيراعظم ۽ محمود خان اڇڪزئي ۾ رابطو

اليڪشن ڪميشن ۾ نئين مقررين لاءِ آئيني طريقي تي عمل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ڇڏي

وزيراعظم شهباز شريف مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي جي خط جو جواب موڪلي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي وچ ۾ رابطو ٿ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: ڊي آءِ جي ايسٽ زون ڊاڪٽر فرخ علي سان ڪراچي موبائيل اينڊ اليڪٽرونڪ ڊيلرز جو وفد ملاقات ڪندي

صدر آصف علي زرداري ملڪ واپس پهچي ويو

آصف علي زرداري برطانيا جو دورو مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڪستان واپس پهتا آهن

اسلام آباد(بيورو) صدر آصف علي زرداري لنڊن مان پاڪستان پهچي ويو، ايوانِ صدر جي عملدارن ٻڌايو ته صدر آصف علي زرداري برطان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه شيلڊ ڏئي رهيو آهي

نيشنل بينڪ پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل بينڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

عاصم افتخار پرڏيهي سيڪريٽري ۽ آمنه بلوچ ترڪي جي سفير مقرر

گڏيل قومن ۾ پاڪستان جا مستقل نمائندا عاصم افتخار احمد نئين پرڏيهي سيڪريٽري طور خدمتون سرانجام ڏيندا اسحاق ڊار

عاصم افتخار احمد جي قيادت ۾ پرڏيهي آفيس پيشه ورانه انداز ۾ پاڪستان جي مفادن کي اڳتي وڌائڻ جو سلسلو جاري رکندي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف پرڏيهي س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ جاري

هڪ ليٽر پيٽرول اصل قيمت کان 133 رپيا 2 پئسا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل اصل قيمت کان 122 رپيا 55 پئسا في ليٽر مهانگو

گذريل 3 ڏينهن دوران پيٽرول 21 رپيا 88 پئسا في ليٽر مهانگو ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) پيٽرول ۽ ڊيزل جي اصل قيمت تي شهرين ڪان ڳرا ٽيڪس ۽ مارجنز جي وصولي جاري آهي. هڪ ليٽر پيٽرول اصل قيمت ڪان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پگهاردار طبقي لاءِ رليف، مختلف ٽيڪس سليبز ۾ ٽيڪس جي شرح ۾ نمايان گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) حڪومت طرفان پگهاردار طبقي کي رليف ڏيڻ لاءِ پگهار مان حاصل ٿيل آمدني/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

اسحاق ڊار جي صدارت ۾ آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ ترقياتي ترجيحن جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس

نائب وزيراعظم بحث هيٺ ايندڙ قدمن تي جلد کان جلد عملدرآمد جي ضرورت تي زور ڏنو

جيئن انهن ڪوششن جا ثمر آزاد جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي زندگين ۾ ٺوس بهتري جي صورت ۾ سامهون اچي سگهن. نائب وزيراعظم

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: وفاقي وزير مصطفي ڪمال جو ايڪسپو سينٽر ۾ افتتاح دوران گلدستو پيش ڪيو ويو

شيرازي هائوس مڪلي تي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي سان عوامي ملاقاتون

شيرازي هائوس مڪلي تي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي سان ٺٽو ۽ سجاول جي عوام جون ملاقاتون، مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري

اياز علي شاهه شيرازي سان ٺٽو ۽ سجاول جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو

عبدالعزيز شيخ، ارشاد علي گندرو سميت ٺٽو ۽ سجاول جي مختلف ماڻهن ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي سان ملاقات

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)شيرازي هائوس مڪلي تي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي سان عوامي ملاقاتون شيرازي هائوس مڪلي تي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي سان ٺٽو ۽ سجاول جي عوام جون ملاقاتون. مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ٺٽو: شيرازي هائوس مڪلي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي سيد اياز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب18

حماد اظهر جي گرفتاري کان پوءِ پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتاري وارنٽس تي عمل تيز ڪرڻ جو فيصلو

نومبر 2024 جي ڊي چوڪ احتجاج سميت مختلف هنڌن تي عدالتي وارنٽس کي منهن ڏيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتارين جو امڪان

جنيد اڪبر ۽ عبدالغني جي خلاف ڊي چوڪ احتجاج بابت ڪيسز ۾ اڳ کان جاري وارنٽس تي عملدرآمد ڪيو ويندو

شبلي فراز، مراد سعيد ۽ حماد اظهر جي خلاف جوڊيشل ڪمپليڪس ڪيسز ۾ جاري عدالتي وارنٽس به عمل هيٺ آندا ويندا

اسلام آباد (بيورو) حماد اظهر جي گرفتاري کان پوءِ مختلف ڪيسز ۾ گهربل پي ٽي آئي اڳواڻن جا اڳ کان جاري ڪيل وارنٽس تي عمل تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب نومبر 2024 جي ڊي چوڪ احتجاج سميت مختلف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي سنڌ يونٽي ڊي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سٽي ڪورٽ ۾ هڙتال

سنڌ جي سمورين بار ايسوسيئيشنز پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف احتجاج طور عدالتن جي ڪارروائين جي مڪمل بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو هو

قانوني برادري سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به تجويز کي قبول نه ڪندي ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف پنهنجو موقف برقرار رکندي

سنڌ بار ڪائونسل پاران 19 سيپٽمبر تي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي ميزباني هيٺ آل سنڌ لائرز ڪنوينشن منعقد ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي اڄ 10 سيپٽمبر تي "سنڌ يونٽي ڊي" جي موقعي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سٽي ڪورٽ ۾ وڪيلن پاران هڙتال ڪئي وئي. هڙتال سبب ڪيترائي وڪيل عدالتن ۾ پيش نه ٿيا. جنهن ڪري مختلف ڪيسن جي ٻڌڻين تي پڻ اثر پيو. صوبي سنڌ بار ڪائونسل ۽ سنڌ جي سمورين بار ايسوسيئيشنز پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف احتج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ميرضا جي بائنانس اڪائونٽ ۾ ڪروڙين رپين جي ٽريڊنگ جو انڪشاف

اختيارين مير رضا جي بائنانس اڪائونٽ جا تفصيل حاصل ڪري ورتا آهن

مجموعي طور 8 ڪروڙ 90 لک يو ايس ڊي ٽي کان وڌيڪ جي وڪرو ۽ خريد ڪئي وئي

ڪراچي(رپورٽر) مير رضا جي بائنانس اڪائونٽ جا تفصيل سامهون اچي ويا. ڪراچي جي نوجوان واپاري مير رضا جي قتل ڪيس ۾ هڪ ٻي اهم اڳڀرائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪٽڪ جي اگهه ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ کانپوءِ ڪراچي ۾ اٽي جا اگهه وڌي ويا

اٽي جي ڪارخانن (فلور ملن) فائن ۽ اڊائي نمبر اٽي جي اگهن ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي

اڊائي نمبر اٽو 160 رپيا، فائن اٽو 175 رپيا، چڪيءَ جو اٽو 180 رپيا في ڪلو تائين وڪامڻ لڳو

ڪٽڪ جي اگهه ۾ 15 رپيا في ڪلو واڌ کانپوءِ نئون اگهه 130 رپيا في ڪلو تائين پهچي ويو

ڪراچي(رپورٽر) ڪٽڪ جي اگهه ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ کانپوءِ ڪراچي ۾ اٽي جا اگهه پڻ وڌي ويا آهن. اٽي جي ڪارخانن (فلور ملن) فائن ۽ اڊائي نمبر اٽي جي اگهن ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي. جنهن کانپوءِ اڊائي نمبر اٽو 160 رپيا، فائن اٽو / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

پيٽرول اصل قيمت کان 133 روپيه ۽ ڊيزل 122 روپيه مهانگو، شهرين کان ڳرن ٽيڪسز ۽ مارجنز جي وصولي جاري

هڪ ليٽر پيٽرول تي عوام کان 131 روپيه 60 پئسن جي ليوي، ٽيڪس ۽ مارجنز جي وصولي ڪئي پئي وڃي

في ليٽر ڊيزل تي 122 روپيه 55 پئسا ليوي، ٽيڪس ۽ مارجنز لڳايا ويا آهن

پيٽرول جي في ليٽر لاڳت 234 روپيه 73 پئسا ٻڌجي ٿي پر هن وقت پيٽرول جي في ليٽر قيمت 367 روپيه 75 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو) پيٽرول ۽ ڊيزل جي اصل قيمت تي شهرين کان ڳرن ٽيڪسز ۽ مارجنز جي وصولي جاري آهي. هڪ ليٽر پيٽرول اصل قيمت کان 133 روپيه 2 پئسا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل اصل قيمت کان 122 روپيه 55 پئسا في ليٽر مهانگو وڪرو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

مڊٽرم چونڊن کانپوءِ ايران سان تڪرار جلد ختم ٿي ويندو: ٽرمپ

ان مسئلي بابت پنهنجي حڪمت عملي ۾ ائٽمي معاهدي کان اڳتي ڏسي رهيو آهي

ويسٽ بئنڪ ۾ يهودي آبادين تي لاڳو پابندين بابت اسرائيل سان ڳالهه ٻولهه ڪندو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته نومبر ۾ ٿيندڙ مڊٽرم چونڊن کانپوءِ ايران سان تڪرار فوري طور ختم ٿي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

سيف گيمز جي لاءِ 5.7 ارب روپين جي ترقياتي پيڪيج جي منظوري

سي ڊي ڊبليو پي جو اجلاس ڊپٽي چيئرمين پلاننگ ڪميشن، وفاقي وزير منصوبه بندي احسن اقبال جي صدارت هيٺ ٿيو

اجلاس ۾ سيف گيمز جي لاءِ راندين جي سهولتن جي بهتري بابت منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

منظور ٿيل منصوبن ۾ اسلام آباد جي پاڪستان اسپورٽس ڪمپليڪس جي اهم سهوليت جي اپ گريڊ کان علاوه ٻين شهرن ۾ راندين جي سهولتن جي بهتري به شامل

اهڙن منصوبن جي ذريعي سيف گيمز جي لاءِ گهربل راندين جي هنڌن جو معيار، فعاليت ۽ تياري کي بهتر بڻايو ويندو

لاهور (م د) سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽي (سي ڊي ڊبليو پي) اينڊ سيف گيمز جي لاءِ راندين جي انفراسٽرڪچر جي اپ گريڊيشن ۽ ترقي بابت 5.7 ارب روپين جي ماليت جي گڏيل ترقياتي پيڪيج جي منظوري ڏئي ڇڏي. تفصيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

بلوچستان جي وڏي وزير سينئر آفيسرن کان نوڪريون وڪرو نه ڪرڻ جو حلف وٺي ڇڏيو

بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي جي صدارت هيٺ سيڪريٽريز ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

جنهن ۾ کاتي جي ڪارڪردگي جو پڻ جائزو ورتو ويو. ڪميٽي سيڪريٽري جي اجلاس دوران وڏي وزير سرفراز بگٽي سينئر آفيسرن کان حلف ورتو

بلوچستان ۾ ڪا به نوڪري وڪرو نه ڪئي ويندي. انهي موقعي تي سرفراز بگٽي ٻن لفظن ۾ اعلان

نوڪريون جي خريد ۽ وڪرو جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي نه ڪو سيڪريٽري ۽ نه ئي ڪو وزير بچندو

ڪوئٽه (رپورٽر) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي سينئر آفيسرن کان نوڪريون وڪرو نه ڪرڻ جو حلف وٺي ڇڏيو آهي. بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي جي صدارت هيٺ سيڪريٽريز ڪميٽي جو اجلاس ٿي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسانکي ووٽ ڏيو، هر آمريڪي کي 5 هزار ڊالر 'ٽرمپ ڊويڊنڊ' ڏينداسين

ٽرمپ اها تجويز پنهنجي ريپبلڪن پارٽي جي پهرين مڊٽرم ڪنوينشن دوران پيش

اهي ادائگيون ڪهڙي طريقي سان ڪيون وينديون يا اهي قانوني به هونديون يا نه

ڊيلاس (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته جيڪڏهن ريپبلڪن پارٽي نومبر ۾ ٿيندڙ مڊٽرم چونڊن ۾ ڪانگريس تي پنهنجو ڪنٽرو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان ۾ جي ايم مڪئي جي پوک اختيار ڪرڻ جي اصولي منظوري

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ جينياتي طور تي تبديل ٿيل (جي ايم) مڪئي جي پوک /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

پاڪستان جي بليو اڪانامي ۾ اهم اڳڀرائي، سي فوڊ جو روانگي واپار 586 ملين ڊالرن تائين پهچي ويو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي بليو اڪانامي جي شعبي ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جتي ملڪ جي سامونڊي خوراڪ (سي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

پروفيسر تي تشدد ڪندڙ جوابدار کي ضمانت ملي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر عارف ساقي ۽ سنڌس پائيٽي تي حملي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پروفيسر تي تشدد ڪندڙ جوابدار کي ضمانت ملي وئي

هينئر تائين پنج جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جن ۾ ٻه هٿياربند به شامل آهن

ڊبل ڪيبن گاڏي ۾ هڪ بااثر سياسي شخصيت جو پائيٽو به موجود هو پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر عارف ساقي ۽ سنڌس پائيٽي تي حملي جي مکيه جوابدار ڪونين شاهه. گرفتاري کان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جو هڪ ٻيو ڪيس ظاهر

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ منڪي پاڪس (monkeypox) جو هڪ ٻيو ڪيس سامهو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال خان تقريب کي خطاب ڪندي

نوجوان واپاري مير رضا جي قتل ڪيس جي جاچ ۾ هڪ ٻي اهم اڳڀرائي

اختيارين مير رضا جي بائنانس کاتي جا تفصيل حاصل ڪري ورتا آهن

ان کاتي ۾ ڪروڙين آمريڪي ڊالرن جي برابر يو ايس ڊي ٽي جي واپار ڪئي وئي

ڪراچي(رپورٽر) نوجوان واپاري مير رضا جي قتل ڪيس جي جاچ ۾ هڪ ٻي اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي. اختيارين مير رضا جي بائنان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

وڏن صنعتي ادارن (ايل ايس ايم) جي شعبي ۾ گذريل مالي سال 26_2025ع دوران 6.5 سيڪڙو جي اوسر ٿي

اسلام آباد (بيورو) وڏن صنعتي ادارن (ايل ايس ايم) جي شعبي گذريل مالي سال 26_202/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

پاڪستان بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو جو حامي آهي: وفاقي وزير

چين پاڪستان اقتصادي راهداري معاشي منظرنامي کي نئين شڪل ڏئي رهيو آهي: واپار وارو وفاقي وزير

سي پيڪ پاڪستان کي علائقائي رابطن جي هڪ اهم مرڪز طور اڀرڻ جو موقعو ڏئي رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو آهي ته پاڪستان بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو جو حامي آهي. چين پاڪستان اقتصادي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪراچي: ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ۾ قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر جي گهر ۾ باهه، گهريلو سامان سڙي خاڪ

خميس جي صبح شاهراهه فيصل جي ڀرسان محمد علي سوسائٽي ۾ هڪ گهر ۾ اوچتو باهه لڳي

جنهن ڏسندي ئي ڏسندي شدت اختيار ڪري ورتي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ محمد علي سوسائٽي ۾ قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه جي گهر ۾ باهه لڳي وئي جنه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پاڪستان ۾ بجيٽل ڏيتي ليتي ڪندڙن جو انگ 20 لک کان وڌي ويو آهي: مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني

اسلام آباد (بيورو) ناڻي ۽ ريلوي بابت مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته وزير/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

اسلام آباد: ناڻي ۽ ريلوي بابت مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني اجلاس جي صدارت ڪندي

سعودي عرب تي حوثين جو ٻيهر وڏو حملو، ٽن شهرن مٿان بيلسٽڪ ميزائل ۽ ڊرون فائر

ابها ۽ جازان شهرن تي ڪيترائي بيلسٽڪ ميزائل ۽ ڊرون فائر ڪيا حملن ۾ ڪنهن به قسم جي جاني نقصان جي اطلاع ناهي ملي

اتحادي فوج سعودي عرب جي خودمختاري، قومي ٽڪاڻن ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ اهڙن حملن جو مناسب جواب ڏيندي

اهي حملا اهڙي وقت ۾ ٿيا آهن جڏهن يمن ۾ حوثين ۽ سعودي حمايت يافته حڪومتي فورسز جي وچ ۾ جهيڙي ۾ تيزي اچي وئي

رياض (م د) يمن ۾ حوثين سعودي عرب جي ڏاکڻي شهرن تي تازا ميزائل ۽ ڊرن حملا ڪيا آهن. سعودي قيادت ۾ قائم اتحاد جي ترجمان ميجر جنرل ترڪي المالڪي موجب حوثين خميس مشيط، ابها ۽ جازان شهرن تي ڪيترائي بيلس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ايران جي ميزائيل حملن سان اردن ۾ آمريڪي فضائي اڏن تي موجود ڪيترن ئي فوجي جهازن کي نقصان پهتو

ايراني ميزائل حملن ۾ 8 ايف-15 جهازن کي معمولي نقصان پهتو ۽ مرمت بعد کين ٻيهر فضائي ٻيڙي ۾ شامل ڪيو ويو

ميزائل حملي جي نتيجي ۾ اي 10 _ ٿنڊر بولٽ حملو ڪندڙ جهاز، جيڪو وارٿگ جي نالي سان مشهور آهي جو هڪ پرزو ٽٽي پيو آهي

ايران جي انهن حملن ۾ ڪو آمريڪي فوجي ناهي مارجي ويو. اهي حملا ان اعلان جي ڪجهه ڪلاڪن بعد ٿيا

عمان (م د) ايران جي ميزائيل حملن سان اردن ۾ آمريڪي فضائي اڏي تي موجود ڪيترن ئي فوجي جهازن کي نقصان پهتو آهي . پرڏيهي خبررو ادارن مطابق اربع جي صبح جو اردن ۾ واقع موفق سلطي فضائي اڏي کي نشانو بڻائيندڙ ايراني /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

جمعو 11 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 28 ربيع الاول 1448هه

عوام تي مهانگائي جي بمباري

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي ماريل عوام لاءِ وفاقي حڪومت جا تازا فيصلا ڪنهن وڏي معاشي ڌڪ کان گهٽ ناهن. گذريل ٽن ڏينهن دوران پيٽرول جي اگهه ۾ لڳ ڀڳ 23 رپيا في ليٽر تائين واڌ ڪان پوءِ هاڻي بجلي به مهانگي ڪئي وئي آهي. هڪ پاسي پيٽرول جي قيمت ۾ لڳاتار واڌ، ٻئي پاسي نيپرا پاران بجلي جي اگهه ۾ 52 پئسا في يونٽ اضافو ۽ هڪ هفتي اندر ٻيهر بجلي مهانگي ڪرڻ جو فيصلو، عام ماڻهوءَ لاءِ زندگي وڌيڪ ڏکي بڻائي رهيو آهي. تازو نوٽيفڪيشن موجب بجلي صارفين تي 12.67 ارب رپين جو اضافي بار وڌو ويندو ۽ سيپٽمبر، آڪٽوبر ۽ نومبر جي بلن ۾ اهو اضافو وصول ڪيو ويندو، جڏهن ته 4 سيپٽمبر تي به بجلي جي قيمت ۾ 2.6 رپيا في يونٽ واڌ جو اعلان ڪيو ويو هو. اهڙي صورتحال ۾ سوال اهو آهي ته آخر حڪومت عوام جي برداشت جي ڪيترو آزمائيندي؟

حڪومت پيٽرول ۽ بجليءَ جي اگهن ۾ واڌ کي شايد رڳو انگن ۽ انگن اکرن جي حساب سان ڏسي رهي هجي، پر عام ماڻهوءَ لاءِ هر ريٽي جي واڌ سندس گهر جي چلهي، ٻارن جي تعليم، علاج، سفر ۽ روزمره جي ضرورتن تي سڌو سنئون اثر وجهي ٿي. پيٽرول مهانگو ٿيندو ته ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌندا، مال برداري مهانگي ٿيندي، سبزي، اٽي، دال، کير ۽ هر استعمال جي شيءِ جي قيمت ۾ اضافو ٿيندو ۽ آخرڪار اهو سڄو بار غريب ۽ وچولي طبقي جي ڪلهن تي پوندو. بجلي مهانگي ٿيڻ سان گهرن جا بل وڌندا ۽ ڪاروبار جي پيداواري لاڳت وڌڻ ڪري مارڪيٽ ۾ شيون وڌيڪ مهانگيون ٿينديون. يعني عوام هڪ اهڙي چڪر ۾ ڦاسايو پيو وڃي، جنهن مان نڪرڻ جو رستو حڪمرانن کي نظر نٿو اچي يا شايد هو ڏسڻ ئي نٿا چاهين.

عوام اڳ ئي مهانگائيءَ جي هڪ ڏکي ۽ اذيتناڪ دور مان گذري رهيو آهي. اٽي، ٻاجهين، دالين، تيل، گئس، دوائن، ڪپڙن ۽ ٻين بنيادي ضرورتن عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پري ٿينديون پيون وڃن. اهڙي ماحول ۾ هر نئون ٽيڪس، هر نئون اضافو ۽ هر نئون بل عوام لاءِ رڳو معاشي بار نه، پر ذهني اذيت جو سبب پڻ بڻجي رهيو آهي. پيٽرول تي مسلسل واڌ کي ڪڏهن "پيٽرول بم"، ڪڏهن "ميزائل بم" چيو وڃي ٿو پر هاڻي سوال اهو آهي ته ان کان پوءِ عوام لاءِ حڪومت وٽ ڪهڙو نئون بم بچيو آهي؟ ڇا پاڻي، گئس، بجلي، کاڌ خوراڪ ۽ علاج سڀ ڪجهه مهانگو ڪري عوام کي مڪمل طور بي وس ڪرڻ ئي معاشي پاليسي آهي؟

حيرت ان ڳالهه تي به آهي ته اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار سياسي پارٽين سميت ملڪ جون وڏيون مخالف ڌر جون جماعتون به عوام جي هن تڪليف خلاف اهڙو اثرائتو ۽ مسلسل آواز اٿاري نه سگهيون آهن، جيڪو حڪمرانن کي فيصلا واپس وٺڻ تي مجبور ڪري سگهي. جماعت اسلامي پاران مهانگائي ۽ پيٽرول جي اگهن خلاف احتجاج ضرور ڪيو ويو، پر ان احتجاج کان پوءِ به عوام کي اگهن ۾ رليف ملڻ بدران واڌ جو منهن ڏسڻو پيو. جيڪڏهن سياسي جماعتون اقتدار جي معاملن، وزارتن، عهدن ۽ سياسي مفادن تي گڏ ٿي سگهن ٿيون ته پوءِ عوام جي پيٽ، بجلي جي بل ۽ پيٽرول جي قيمت تي گڏجي آواز ڇو نٿيون اٿاري سگهن؟

اقتدار جي ايوانن ۾ ويٺل ڪيترن ئي چونڊيل نمائندن لاءِ شايد مهانگائيءَ جو حقيقي مطلب سمجهڻ ڏکيو هجي، ڇو ته جن ماڻهن کي پنهنجي گهر جو خرچ به پنهنجي کيسي مان نه هلائڻو پوي، جن جا يوٽيلٽي بل ۽ گاڏين جا خرچ به سرڪاري يا ٺيڪيدارن جي ذميواري بڻجي وڃن، انهن کي ان مزدور جي تڪليف ڪيئن محسوس ٿيندي جيڪو سڄو ڏينهن محنت ڪرڻ باوجود پنهنجي ٻارن لاءِ به وقت جي ماني جو بندوبست ڪرڻ ۾ پريشان آهي؟ جنهن ماءُ کي ٻارن جي اسڪول فيس ۽ گهر جي راشن مان ڪنهن هڪ جو انتخاب ڪرڻو پوي ٿو، جنهن نوجوان وٽ روزگار ناهي ۽ جنهن ننڍڙي دڪاندار جي آمدني بجلي، ڪرائي ۽ ٽرانسپورٽ جي خرچن ۾ ختم ٿي وڃي ٿي، ان لاءِ پيٽرول جو هر اضافي رپيو هڪ نئون مسئلو آهي.

بدقسمتيءَ سان حڪمرانن جون عياشيون ۽ مراعتون ساڳيون برقرار آهن، پر عوام کان قربانيون وٺڻ جو سلسلو ختم ٿيڻ جو نالو نٿو وٺي. جيڪڏهن ملڪ معاشي بحران مان گذري رهيو آهي ته قربانيءَ جو آغاز حڪمران طبقي کان ٿيڻ گهرجي. سرڪاري خرچ گهٽ ڪيا وڃن، غيرضروري مراعتون ختم ڪيون وڃن، اشرافيه جي مفت سهولتن تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ ڪرپشن، ٽيڪس چوري ۽ وسيلن جي لٽ مار کي روڪيو وڃي. هر ڀيري عوام جي کيسي مان پئسا ڪڍي خزانو ڀرڻ کي آسان رستو سمجهڻ سان ملڪ جي معيشت مضبوط نه ٿيندي، پر عوام ۽ حڪمرانن وچ ۾ فاصلو وڌيڪ وڌندو.

ان کان به وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته جڏهن عوام پيٽرول، بجلي ۽ مهانگائيءَ جي بار هيٺ دٻجي رهيو آهي، تڏهن ملڪ ۾ اهڙا سياسي اشو اڀاريان آندا وڃن ٿا، جيڪي عوام جي بنيادي مسئلن کان ڌيان هٽائين ٿا. نون صوبن يا انتظامي ورهاستن جو بحث پنهنجي جاءِ تي هڪ حساس سياسي معاملو آهي، پر سنڌ جي عوام کي جڏهن روزگار، مهانگائي، بجلي، پاڻي، تعليم، صحت ۽ امن امان جا مسئلا درپيش هجن، تڏهن انهن مسئلن کي پوئتي ڌڪي صوبا ٽوڙڻ جي بحث ۾ الجهائڻ عوام کي وڌيڪ پريشان ڪرڻ برابر آهي. سنڌ جي وحدت بابت سنڌ اسيمبليءَ جون قراردادون ۽ عوام جو مسلسل ردعمل به ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته اهڙي ڪنهن به ڪوشش کي سنڌ جو عوام قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

حڪمرانن کي سمجهڻ گهرجي ته عوام رڳو ووٽ ڏيڻ واري مشين ناهي. عوام پنهنجي بنيادي ضرورتن، عزت، روزگار ۽ سستي زندگيءَ جو حق رکي ٿو. جيڪڏهن حڪمران عوام جي تڪليفن کي نظرانداز ڪندا، سياسي جماعتون خاموش رهنديون ۽ هر معاشي ناڪاميءَ جو بار غريبن جي ڪلهن تي وڌو ويندو ته پوءِ ماڻهن جو سياسي نظام تان اعتماد ختم ٿيڻ جو خطرو وڌندو. حڪومت کي پيٽرول ۽ بجليءَ جي اگهن ۾ واڌ تي نظرثاني، عوام کي فوري رليف ۽ مهانگائيءَ کي روڪڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. ساڳي وقت سياسي جماعتن کي به اقتدار جي حصيداريءَ کان اڳتي وڌي عوام جي حقن لاءِ گڏيل ۽ اثرائتو آواز بڻجڻ گهرجي، ڇو ته حڪمرانن جون عياشيون برقرار رکي عوام کي هر روز نئين "بم" جو تحفو ڏيڻ ڪنهن به صورت ۾ عوام دوست حڪمراني نٿي چئي سگهجي.

پاڪستان جي سياست ۾ ڳالهين بدران احتجاج ڇو وڌي رهيو آهي؟

غلام مصطفي جمالي

پاڪستان جي سياست هن وقت هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهي، جتي حڪمران ڌر هڪ طرف ڳالهين ۽ مفاهمت جون ڳالهيون ڪري رهي آهي، ته ٻئي طرف مخالف ڌر احتجاج، جلسن ۽ سياسي تحريڪن جي تياري ۾ مصروف نظر اچي ٿي. حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ سياسي اختلاف ڪو نئون واقعو ناهي، پر گذريل ڪجهه سالن دوران انهن اختلافن جي شدت ضرور وڌي وئي آهي. هاڻي صورتحال اها ٿي وئي آهي ته پارليامينٽ ۾ ٿيندڙ سياسي بحث کان وڌيڪ روڊن تي ٿيندڙ احتجاج کي اهميت ملڻ لڳي آهي. سوال اهو آهي ته آخر پاڪستان جي سياست ۾ ڳالهين بدران احتجاج جو رستو ڇو مضبوط ٿيندو پيو وڃي؟ ڇا اسان جون سياسي جماعتون هڪ ٻئي سان ويهي ڳالهائڻ جي صلاحيت وڃائي ويٺيون آهن، يا سياسي بي اعتمادي ايتري وڌي وئي آهي جو هر ڌر ٻئي ڌر کي پنهنجو مخالف نه پر دشمن سمجهڻ لڳي آهي؟

جمهوري نظام ۾ احتجاج سياسي حق آهي. حڪومت جي ڪنهن پاليسي سان اختلاف هجي ته سياسي جماعتون عوام کي گڏ ڪري احتجاج ڪري سگهن ٿيون، جلسا ڪري سگهن ٿيون ۽ پنهنجو آواز بلند ڪري سگهن ٿيون. پر احتجاج ان وقت مسئلو بڻجي وڃي ٿو، جڏهن ڳالهين جا سڀئي دروازا بند ٿي وڃن ۽ سياسي اختلاف سڌو سنئون ٽڪراءَ ۾ تبديل ٿي وڃي. پاڪستان ۾ بدقسمتي سان سياست جو هڪ اهڙو ماحول پيدا ٿي ويو آهي، جتي حڪومت ۾ ويٺل جماعتون اقتدار بچائڻ کي ۽ مخالف ڌر اقتدار حاصل ڪرڻ کي سڀ کان وڏي سياسي ڪاميابي سمجهڻ لڳي آهي. نتيجي ۾ ملڪ جا بنيادي مسئلا پوئتي رهجي وڃن ٿا ۽ سياسي جنگ اڳتي اچي وڃي ٿي. اڄ عام ماڻهوءَ کان پڇيو وڃي ته کيس حڪومت ۽ مخالف ڌر جي سياسي بيانن ۾ ڪيتري دلچسپي آهي ته شايد سندس جواب اهو هوندو ته کيس سياست کان وڌيڪ پنهنجي گهر جو خرچ هلائڻ جي ڳڻتي آهي. بجليءَ جا وڌندڙ بل، پيٽرول جون قيمتون، مهانگائي، بيروزگاري، ڪاروباري مسئلا، صحت ۽ تعليم جون خراب سهولتون عام ماڻهوءَ جي زندگي کي اڳ ئي ڏکيو بڻائي چڪيون آهن. بدين جي هڪ هاريءَ لاءِ سڀ کان وڏو سوال اهو آهي ته سندس فصل کي پاڻي ڪڏهن ملندو، زرعي خرچ ڪيئن گهٽ ٿيندا ۽ سندس پيداوار جو مناسب اگهه ڪير ڏيندو. ٽنڊوباگو جي مزدور لاءِ اهم سوال اهو آهي ته کيس روزگار ڪٿي ملندو. حيدرآباد ۽ ڪراچي جي نوجوان لاءِ سوال اهو آهي ته تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ نوڪري ڪٿي آهي. هڪ ننڍڙي دڪاندار لاءِ سوال اهو آهي ته مهانگائي جي هن دور ۾ ڪاروبار ڪيئن هلي. پر اسان جي سياسي بحث ۾ انهن سوالن بدران گهڻو وقت هڪ ٻئي کي شڪست ڏيڻ تي خرچ ٿي رهيو آهي.

حڪومت چوي ٿي ته مخالف ڌر کي ڳالهين جي ميز تي اچڻ گهرجي، جڏهن ته مخالف ڌر جو موقف آهي ته ڳالهين کان اڳ سياسي ماحول کي سازگار بڻايو وڃي. ٻنهي ڌرين جا پنهنجا پنهنجا دليل آهن. پر اصل ڳالهه اها آهي ته ڳالهين ڪانسواءِ سياسي بحران جو مستقل حل ممڪن ناهي. ڳالهين جو مطلب اهو ناهي ته حڪومت پنهنجو موقف ڇڏي ڏئي يا مخالف ڌر پنهنجا سڀ مطالبا واپس وٺي. ڳالهين جو اصل مطلب اهو آهي ته ٻنهي ڌرين ۾ اختلاف هجن، پر هڪ ٻئي کي ٻڌڻ جي صلاحيت موجود هجي. جمهوريت جو حسن ئي اهو آهي ته مختلف سوچ رکندڙ ماڻهو هڪ ئي پارليامينٽ ۾ ويهن ۽ اختلاف باوجود ملڪ لاءِ گڏجي قانون ٺاهين. پر جيڪڏهن پارليامينٽ جي بدران هر مسئلي جو حل روڊن تي ڳوليو ويندو ته پوءِ پارلياماني جمهوريت جي اهميت گهٽجي ويندي. پاڪستان جي سياست ۾ سڀ کان وڏو بحران شايد سياسي اختلاف نه، پر سياسي بي اعتمادي آهي. حڪومت کي مخالف ڌر تي اعتماد ناهي ۽ مخالف ڌر کي حڪومت تي. هر بيان کي شڪ جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو، هر ڳالهه ۾ سياسي چال ڳولي وڃي ٿي ۽ هر قدم کي ايندڙ چونڊن جي نظر سان پرکيو وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ ملڪ هلائڻ انتهائي ڏکيو ٿي وڃي ٿو. اسان کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻئي عارضي سياسي ڪردار آهن. اڄ جيڪو حڪمران آهي، اهو سڀاڻي مخالف ڌر ۾ ٿي سگهي ٿو ۽ اڄ جيڪو مخالف ڌر ۾ آهي، اهو سڀاڻي اقتدار ۾ اچي سگهي ٿو. تنهن ڪري سياسي جماعتن کي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ اقتدار کان ٻاهر ٿيڻ کي سياسي تباهي ۽ اقتدار ۾ رهڻ کي هر قيمت تي ضروري سمجهيو وڃي. جيڪڏهن سياست جو مقصد صرف اقتدار حاصل ڪرڻ بڻجي وڃي ته عوام پوئتي رهجي ويندو. پاڪستان کي هن وقت سياسي انتقام کان وڌيڪ سياسي مفاهمت جي ضرورت آهي. اهڙي مفاهمت جيڪا ڪنهن هڪ جماعت جي فتح نه، پر ملڪ جي فتح بڻجي. حڪومت کي به اهو سمجهڻو پوندو ته مضبوط حڪومت جو مطلب مخالف ڌر کي ڪمزور ڪرڻ ناهي. مضبوط حڪومت اها هوندي آهي جيڪا تنقيد برداشت ڪري، سوالن جا جواب ڏئي ۽ اختلاف رکندڙ ڌرين سان ڳالهائڻ جي صلاحيت رکي. ساڳيءَ طرح مخالف ڌر کي به اهو سمجهڻو پوندو ته هر سياسي مسئلي جو حل حڪومت کي گهر موڪلڻ ۾ ناهي. جيڪڏهن حڪومت جي ڪنهن پاليسي سان اختلاف آهي ته پارليامينٽ، عدالت ۽ پرامن سياسي جدوجهد جا رستا موجود آهن. احتجاج جمهوريت جو حصو آهي، پر احتجاج کي ڳالهين جو متبادل بڻائڻ جمهوريت کي ڪمزور ڪري سگهي ٿو. اسان جي سياسي جماعتن کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو ته هو ايندڙ نسلن کي ڪهڙو پاڪستان ڏيڻ چاهين ٿيون؟ هڪ اهڙو پاڪستان، جتي هر ڪجهه مهينن کان پوءِ سياسي چڪتاڻ، احتجاج، ڌرڻا، گرفتاريون ۽ الزام تراشي معمول بڻيل هجن، يا هڪ اهڙو پاڪستان جتي اختلاف هجي پر ڳالهين جو دروازو هميشه کليل هجي؟ عام ماڻهو سياستدانن کان وڏا وڏا نعرا نٿو گهري. هو چاهي ٿو ته سندس ٻار سٺي اسڪول ۾ پڙهن، بيماريءَ وقت علاج ملي، بجليءَ جا بل ادا ڪرڻ جهڙا هجن، روزگار جا موقعا پيدا ٿين ۽ سندس گهر جو چلهو آسانيءَ سان ٻري. هڪ مزدور لاءِ سياسي فتح اها ناهي ته ڪنهن جماعت جو جلسو وڏو ٿيو؛ سندس فتح اها آهي ته کيس روزانو روزگار ملي. هڪ هاريءَ لاءِ سياسي ڪاميابي اها ناهي ته ڪير ڪهڙي جماعت ۾ شامل ٿيو؛ سندس ڪاميابي اها آهي ته سندس فصل بچي ۽ کيس مناسب اگهه ملي. نوجوان لاءِ سياسي آزادي سان گڏ روزگار به ضروري آهي. تنهن ڪري حڪمرانن ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي پنهنجي سياسي ترجيحن تي نظرثاني ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر هڪ ٻئي کي شڪست ڏيڻ بدران ملڪ جي بحرانن کي شڪست ڏيڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪن ته پاڪستان جي سياسي صورتحال ۾ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي. پر جيڪڏهن هر اختلاف جو جواب احتجاج، هر احتجاج جو جواب طاقت ۽ هر طاقت جي جواب ۾ وڌيڪ احتجاج بڻجي ويو ته نقصان ڪنهن هڪ جماعت جو نه، پر سڄي ملڪ جو ٿيندو. سياست ۾ اصل طاقت مخالف کي خاموش ڪرائڻ ۾ ناهي، پر اختلاف رکندڙ کي برداشت ڪرڻ ۾ آهي. جمهوريت جو اصل حسن به اهو ئي آهي ته مخالف آواز کي ختم نه ڪيو وڃي، پر ٻڌو وڃي. اڄ پاڪستان کي اهڙي سياسي قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا اهو سمجهي ته اقتدار دائمي ناهي، پر ملڪ دائمي آهي. حڪومتون اچن ٿيون ۽ وڃن ٿيون، سياسي جماعتون اقتدار ۾ اچن ٿيون ۽ مخالف ڌر ۾ وڃن ٿيون، پر پاڪستان پنهنجي جاءِ تي قائم رهي ٿو. تنهن ڪري سياستدانن کي پنهنجي ذاتي ۽ جماعتي مفادن کان مٿي ٿي ملڪ جي مستقبل بابت سوچڻو پوندو. اڄ سوال اهو ناهي ته حڪومت ڪيترو وقت رهندي يا مخالف ڌر ڪڏهن اقتدار ۾ ايندي. اصل سوال اهو آهي ته عام ماڻهو ڪڏهن سڪون جو ساهه کڻندو؟ مهانگائي کان ڪڏهن ڇوٽڪارو ملندو؟ نوجوانن کي روزگار ڪڏهن ملندو؟ هاريءَ کي پنهنجي محنت جو معاوضو ڪڏهن ملندو؟ ۽ پاڪستان جي سياست ڪڏهن اقتدار جي جنگ مان نڪري عوام جي خدمت جو ذريعو بڻجندي؟ ملڪ احتجاجن سان نه، ڳالهين سان مضبوط ٿيندا آهن؛ حڪومتون طاقت سان نه، اعتماد سان مستحڪم ٿينديون آهن. پاڪستان کي اڄ سياسي جنگ کان وڌيڪ سياسي ڳالهه ٻولهه جي ضرورت آهي، ڇو ته اقتدار جي جنگ ۾ شايد ڪو هڪ ڌر کٽي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن ملڪ هارائي ويو ته ڪنهن جي به فتح باقي نه رهندي.

سنڌ ۾ خودڪشيون: هڪ وڌندڙ الميو

نورسنڌي

10 سيپٽمبر خودڪشين جي روڪٿام جو عالمي ڏينهن آهي، پر سنڌ ۾ هن ڏينهن جي اهميت کي ٿرپارڪر جي ڏڪار، عمرڪوٽ جي غريب ڳوٺاڻن، ميرپورخاص ۽ بدين جي هارين جي قرضن، سانگهڙ جي بيروزگار نوجوانن ۽ حيدرآباد تائين لاڙڪاڻي جي شاگردن جي وڌندڙ ذهني دٻاءَ کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. ڪٿي سڪل کوهه ۽ پاڻيءَ جي کوٽ زندگيءَ کي ڏکيو بڻائين ٿا، ڪٿي فصل جي ناڪامي ۽ قرض جو بار، ته ڪٿي گهريلو تڪرار، بيروزگاري، محبت، سماجي دٻاءُ يا تعليمي ناڪامي نوجوانن کي مايوسي ڏانهن ڌڪي ٿي. افسوس اهو آهي ته سنڌ ۾ خودڪشين جا مڪمل ۽ قابل اعتماد انگ اکر اڃا تائين موجود ناهن. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هر واقعي کي رڳو هڪ خبر سمجهي ختم نه ڪيو وڃي، پر ان جي پويان موجود درد، سماجي حالتن ۽ معاشي مسئلن کي سمجهي، وقت سر اهڙا قدم کنيا وڃن، جيڪي هڪ انسان جي زندگي بچائي سگهن. دنيا ۾ خودڪشي ذهني صحت، معاشي حالتن ۽ سماجي مسئلن سان ڳنڍيل هڪ اهم عوامي صحت جو مسئلو بڻجي چڪي آهي. عالمي صحت واري اداري موجب دنيا ۾ هر سال ست لک کان وڌيڪ ماڻهو خودڪشيءَ سبب زندگي وڃائين ٿا. نوجوانن ۾ به هي مسئلو خاص طور ڳڻتيءَ جو سبب آهي.

پاڪستان ۾ صورتحال وڌيڪ پيچيده آهي، ڇاڪاڻ ته خودڪشيءَ بابت مڪمل، مسلسل ۽ قابل اعتماد قومي ڊيٽا موجود هجڻ هڪ وڏو چئلينج آهي. سنڌ ۾ به ڪيترائي واقعا پوليس، اسپتالن يا سرڪاري رڪارڊ تائين صحيح نموني نٿا پهچن. سماجي بدنامي، مذهبي حساسيت، خانداني خدشن ۽ قانوني دٻاءُ سبب ڪجهه خاندان موت جو اصل سبب ظاهر ڪرڻ کان پاسو ڪن ٿا. ان ڪري موجود انگ اکر ممڪن آهي ته اصل صورتحال جي مڪمل تصوير نه هجن. مختلف رپورٽن ۽ موجود مقامي مواد ۾ سنڌ جي صورتحال بابت ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين، ٽنڊوالهيار، مٽياري، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي سميت ڪيترن ئي ضلعن جا نالا سامهون اچن ٿا. ڪجهه رپورٽن ۾ ٿرپارڪر ۾ هڪ سال دوران 79 کان وڌيڪ ڪيسن جو ذڪر ملي ٿو، جڏهن ته عمرڪوٽ، ميرپورخاص ۽ بدين بابت پڻ مردن ۽ عورتن جا الڳ انگ رپورٽ ٿيا آهن. اهي انگ حتمي سرڪاري مجموعي طور پيش ڪرڻ بدران رپورٽ ٿيل انگن طور ڏسڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ اڃا تائين اهڙو جامع ۽ تصديق ٿيل صوبائي نظام موجود ناهي، جيڪو هر ضلعي جي خودڪشي ۽ خودڪشيءَ جي ڪوشش جو صحيح رڪارڊ گڏ ڪري. اصل ضرورت انگن جي مقابلي کان وڌيڪ هڪ اهڙي نظام جي آهي، جنهن سان خبر پوي ته ڪهڙي علائقي ۾ مسئلو ڪهڙي سبب سان وڌي رهيو آهي. ٿرپارڪر جو مثال سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. ٿر جي زندگي اڳ ئي پاڻيءَ جي کوٽ، ڏڪار، محدود روزگار، مال جي نقصان ۽ معاشي غيريقينيءَ سان جڙيل آهي. جڏهن برساتون گهٽ ٿين ٿيون، کوهه سڪي وڃن ٿا، مال لاءِ چارو گهٽجي وڃي ٿو ۽ خاندان جي آمدني متاثر ٿئي ٿي ته معاشي دٻاءُ وڌي ٿو. ان ڪري ٿر ۾ خودڪشين جي روڪٿام کي صرف نفسياتي علاج تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. مستقل پاڻيءَ جا منصوبا، ننڍا ڊيم، کوهن جي بحالي، سولر واٽر اسڪيمون، ڏڪار دوران روزگار، مالوندن لاءِ چارو ۽ ويڪسينيشن، موبائل صحت جون سهولتون ۽ سماجي تحفظ جا پروگرام گڏ هلائڻا پوندا. جيڪڏهن غربت ۽ پاڻيءَ جي بحران کي حل نه ڪيو ويندو ته صرف آگاهي مهم مسئلي جو مڪمل حل نه بڻجي سگهندي. ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ مان عورتن ۽ نوجوان ڇوڪرين بابت سامهون ايندڙ واقعا پڻ انتهائي حساس تحقيق جا طلبگار آهن. جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ عورتن جا اهڙا واقعا بار بار رپورٽ ٿين ته ان کي رڳو ذاتي مسئلو قرار ڏيڻ بدران گهريلو تشدد، جبري شادي، معاشي انحصار، سماجي پابندين ۽ عورتن جي تحفظ جي صورتحال جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن موت بابت خاندان يا علائقي ۾ شڪ موجود هجي ته پوسٽ مارٽم، فارنزڪ جاچ ۽ آزاد ۽ شفاف تحقيق لازمي هجڻ گهرجي. ڪنهن به قتل کي خودڪشي يا ڪنهن خودڪشيءَ کي قتل قرار ڏيڻ کان اڳ قانوني ۽ سائنسي ثبوت ضروري آهن. عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين ۽ سانگهڙ جا زرعي علائقا معاشي دٻاءَ جي بي تصوير پيش ڪن ٿا. هاري فصل پوکڻ لاءِ قرض وٺي ٿو. پر جيڪڏهن پاڻيءَ جي کوٽ، ٻوڏ، برساتن جي بي ترتيبي، فصل جي بيماري يا مارڪيٽ ۾ مناسب اگهه نه ملڻ سبب آمدني ختم ٿي وڃي ته قرض جو بار وڌي وڃي ٿو. ان مسئلي جو حل صرف نفسياتي مشورو ناهي. حڪومت کي ننڍن آبادگارن لاءِ آسان قرض، فصلن جي انشورنس، قدرتي آفتن دوران قرضن جي ري شيڊيولنگ، زرعي شين جا مناسب اگهه، شفاف خريداري ۽ فصلن جي نقصان جي بروقت معاوضي جو نظام مضبوط ڪرڻو پوندو. مهانگائي پڻ عام خاندان لاءِ مسلسل ذهني دٻاءُ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. جڏهن آمدني محدود هجي ۽ کاڌي، تعليم، علاج، بجلي، پاڻي ۽ رهائش جا خرچ وڌندا وڃن ته خاندان اندر پريشاني وڌي سگهي ٿي. ان جو حل سماجي تحفظ جي مؤثر نظام، غريب خاندانن لاءِ خوراڪ ۽ صحت جي مدد، روزگار جي موقعن ۽ مهارتن جي تربيت سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي. غربت کي صرف قسمت جو مسئلو سمجهڻ بدران معاشي پاليسيءَ جو مسئلو سمجهڻ ضروري آهي. بيروزگاري پڻ نوجوانن ۾ مايوسي جو اهم سبب بڻجي سگهي ٿي. سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ تعليم مڪمل ڪندڙ نوجوانن لاءِ مناسب روزگار جا موقعا محدود آهن. جڏهن نوجوان سالن تائين نوڪريءَ جي تلاش ڪري، گهر جون معاشي حالتون خراب هجن ۽ مستقبل بابت اميدون ڪمزور ٿيڻ لڳن ته ذهني دٻاءُ وڌي سگهي ٿو. ان جو سڌو حل ضلعي سطح تي فني تعليم، مهارتن جي تربيت، ننڍن ڪاروبارن لاءِ آسان قرض، انٽرن شپ، مقامي صنعتن جي واڌ ۽ نوجوانن لاءِ روزگار جا عملي پروگرام آهن. نوجوان کي صرف "همت ڪر" چوڻ ڪافي ناهي؛ کيس پنهنجي صلاحيت استعمال ڪرڻ جو موقعو به ڏيڻو پوندو. حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ ٻين شهرن ۾ شاگردن ۽ نوجوانن جو مسئلو وري مختلف صورت ۾ سامهون اچي ٿو. امتحان ۾ ناڪامي، والدين جون غيرحقيقي اميدون، مقابلي جو دٻاءُ، اسڪول يا ڪاليج ۾ بدمعاشي، آن لائن تذليل، محبت يا دوستيءَ جا مسئلا ۽ مستقبل بابت غيريقيني نوجوانن جي ذهني صحت تي اثر وجهي سگهن ٿا. سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ تربيت يافته ڪائونسلر مقرر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. شاگردن لاءِ رازداريءَ سان ڳالهائڻ جي جاءِ، ڪيريئر ڪائونسلنگ، نفسياتي مدد ۽ فني تعليم جا متبادل رستا فراهم ڪرڻ گهرجن، ته جيئن هڪ امتحان يا هڪ ناڪامي کي زندگيءَ جو آخري فيصلو نه سمجهيو وڃي. گهريلو تڪرار، تشدد، جبري شادي ۽ عورتن تي غيرضروري پابنديون پڻ نظرانداز نٿا ڪري سگهجن. مسلسل جهيڙا، گهريلو تشدد، معاشي انحصار ۽ سماجي دٻاءُ ڪنهن به انسان لاءِ شديد ذهني تڪليف جو سبب بڻجي سگهن ٿا. اهڙين حالتن ۾ متاثر شخص کي خاموش رهڻ بدران محفوظ شڪايت نظام، قانوني مدد، نفسياتي ڪائونسلنگ ۽ ضرورت پوڻ تي محفوظ رهائش جون سهولتون ملڻ گهرجن. ضلعي سطح تي عورتن ۽ ٻارن جي تحفظ لاءِ موجود ادارن کي وڌيڪ فعال ۽ جوابده بڻائڻو پوندو ذهني صحت بابت سماجي رويو تبديل ڪرڻ پڻ ضروري آهي. اسان وٽ جسماني بيماري لاءِ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ عام ڳالهه آهي، پر ڊپريشن، شديد پريشاني يا مسلسل نااميدي لاءِ مدد وٺڻ کي ڪيترائي ماڻهو ڪمزوري يا بدنامي سمجهن ٿا. مسجدن، مندرن، اسڪولن، ڪميونٽي مرڪزن ۽ ميڊيا ذريعي اهو پيغام ڏيڻ گهرجي ته ذهني تڪليف به صحت جو مسئلو آهي ۽ ان لاءِ علاج وٺڻ شرم جي ڳالهه ناهي. ضلعي ۽ تعلقي اسپتالن ۾ ذهني صحت جا ماهر، ڪائونسلر، ٽيلي-مينٽل هيلٿ ۽ سنڌي توڙي اردو ۾ 24 ڪلاڪ مدد واري هيلپ لائن قائم ٿيڻ گهرجي. زرعي سنڌ ۾ خطرناڪ زرعي ڪيميڪلن جي آسانيءَ سان دستيابي بابت به سنجيده پاليسي جي ضرورت آهي. زرعي دوائن ۽ ٻين خطرناڪ شين جي وڪري، ذخيرن ۽ استعمال لاءِ سخت نگراني، لائسنسنگ، محفوظ رکڻ بابت تربيت ۽ ضابطن تي عمل ضروري آهي. خاص طور ٿرپارڪر، ميرپورخاص، بدين ۽ ٻين زرعي ضلعن ۾ لاڳاپيل ادارن کي دڪاندارن ۽ آبادگارن سان گڏجي محفوظ انتظام بابت تربيت ڏيڻ گهرجي. مقصد هارين کي زرعي سهولتن کان محروم ڪرڻ نه، پر خطرناڪ شين جي غلط استعمال کي گهٽائڻ ۽ محفوظ زرعي نظام ٺاهڻ هجڻ گهرجي. خودڪشين جي روڪٿام لاءِ صحيح انگ اکر به بنيادي ضرورت آهن. سنڌ حڪومت کي پوليس، صحت کاتي، اسپتالن، فارنزڪ ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن جي معلومات گڏ ڪري هڪ شفاف، محفوظ ۽ رازداريءَ تي ٻڌل صوبائي ڊيٽابيس ٺاهڻ گهرجي. هر ضلعي مان خودڪشي، خودڪشيءَ جي ڪوشش، عمر، جنس، علائقو ۽ سماجي پسمنظر بابت ڊيٽا گڏ ڪئي وڃي. ان سان حڪومت کي معلوم ٿيندو ته ٿر ۾ ڪهڙو مسئلو وڌيڪ سنگين آهي، زرعي علائقن ۾ معاشي دٻاءُ ڪيترو آهي ۽ شهرن ۾ نوجوانن جي ذهني صحت لاءِ ڪهڙي مداخلت جي ضرورت آهي. ميڊيا جو ڪردار هن معاملي ۾ انتهائي حساس آهي. صحافين کي خودڪشيءَ جي خبر ۾ موت جو طريقو خطرناڪ وسيلي جا غيرضروري تفصيل، واقعي واري هنڌ جون سنسني خيز تصويرون يا خاندان جي ذاتي معلومات ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. "محبت ۾ جان ڏئي ڇڏي"، "عزت لاءِ آخري قدم" يا "زندگيءَ کان تنگ اچي آخري فيصلو" جهڙا جملا خودڪشيءَ کي رومانوي يا مسئلي جو حل بڻائي پيش ڪري سگهن ٿا. بهتر صحافت اها آهي جيڪا واقعي کان وڌيڪ ان جي سماجي ۽ معاشي پسمنظر، ذهني صحت، ادارن جي ذميواري ۽ بچاءَ جا رستا نمايان ڪري. صحافي کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته خودڪشيءَ جي خبر صرف موت جي خبر ناهي؛ اها هڪ خاندان جي ڏک، هڪ سماج جي ڪمزوري ۽ ڪڏهن ڪڏهن سرڪاري نظام جي ناڪاميءَ جو به اشارو هوندي آهي. تنهن ڪري خبر ۾ اميد ۽ مدد جو رستو به شامل ٿيڻ گهرجي. متاثر شخص يا خاندان کي ڊاڪٽر، نفسياتي ماهر، قابل اعتماد ماڻهو يا موجود سرڪاري مدد تائين پهچڻ بابت معلومات ڏيڻ صحافتي ذميواريءَ جو حصو بڻجي سگهي ٿو. اسلام انسان جي زندگيءَ کي وڏي حرمت ڏئي ٿو. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: "وَلَا تَقْتُلُوٓا۟ أَنفُسَكُمْ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيمًا"، يعني "۽ پنهنجو پاڻ کي قتل نه ڪريو، بيشڪ الله اوهان تي نهايت مهربان آهي." اسلام سان گڏ ٻين وڏن مذهبن جون تعليمون پڻ انساني زندگيءَ جي احترام، رحم، عدم تشدد، صبر ۽ ذميواريءَ تي زور ڏين ٿيون. هندو ڌرم جي ڀڳوت گيتا ۾ روح جي ابديت ۽ جسم جي فنا بابت تعليم ملي ٿي، جنهن مان زندگيءَ جي روحاني قدر جو تصور سامهون اچي ٿو. ٻڌ ڌرم جي پنجن اخلاقي اصولن ۾ جاندار جي جان وٺڻ کان پاسو ڪرڻ ۽ ڪروڻا، يعني رحم ۽ همدرديءَ تي زور ڏنو ويو آهي. سک ڌرم ۾ گرو گرنٿ صاحب انسان کي صبر، خدا جي رضا، خدمت ۽ اميد سان زندگي گذارڻ جي تعليم ڏئي ٿو. جين ڌرم جو بنيادي اصول "اهنسا"، يعني هر جاندار سان عدم تشدد ۽ رحم آهي. عيسائيت ۽ يهوديت ۾ به انساني جان جي حرمت بنيادي اخلاقي تعليمن مان آهي. بائيبل جي ڏهن حڪمن ۾ "تون قتل نه ڪر" جو حڪم موجود آهي، جڏهن ته عيسائي تعليم ۾ انساني جسم کي خدا جي ڏنل امانت ۽ عزت جوڳو سمجهيو وڃي ٿو. يهودي روايت ۾ پڻ انساني زندگيءَ جي حفاظت کي وڏي اهميت حاصل آهي. البت انهن سڀني مذهبي تعليمات کي هڪ ئي لفظن ۾ "خودڪشيءَ بابت حڪم" قرار ڏيڻ بدران انهن جي وسيع اخلاقي اصولن—زندگيءَ جي حرمت، رحم، عدم تشدد، صبر ۽ انسان جي ذميواري—جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ وڌيڪ درست آهي. مذهبي اڳواڻن جو ڪردار صرف خودڪشيءَ کي گناهه يا منع ٿيل عمل قرار ڏيڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو انسان ڊپريشن، غربت، گهريلو تشدد يا شديد مايوسيءَ مان گذري رهيو هجي ته کيس صرف نصيحت ڏيڻ بدران ٻڌڻ، ساٿ، همدردي ڪرڻ ۽ ضرورت پوڻ تي طبي يا نفسياتي ماهر تائين پهچائڻ به مذهبي ۽ انساني ذميواري آهي. مسجد جو امام، مندر جو پنڊت، گرجا گهر جو پادري يا ٻيو مذهبي اڳواڻ پنهنجي برادريءَ ۾ اميد، رحم ۽ مدد جو ماحول پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. سول سوسائٽيءَ کي پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ڳوٺن ۽ ڀاڙن ۾ اهڙا مددگار نيٽ ورڪ قائم ڪري سگهجن ٿا، جتي ماڻهو پنهنجي معاشي، گهريلو يا ذهني مسئلي بابت اعتماد سان ڳالهائي سگهن. استادن کي شاگردن جي رويي ۾ اوچتي تبديليءَ کي سمجهڻ جي تربيت ڏني وڃي. والدين کي ٻارن سان سختيءَ بدران ڳالهه ٻولهه جو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ صحافين کي ذميوار رپورٽنگ بابت تربيت ڏني وڃي. سنڌ ۾ خودڪشين جي روڪٿام جو مطلب صرف موت جي واقعن کي گهٽائڻ نه، پر انهن حالتن کي تبديل ڪرڻ آهي.

بقايا *** 01

ير ضروري دير کي ختم ڪرڻ، ڪاروباري خرچ گهٽائڻ ۽ برآمدات کي فروغ ڏيڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. وزيراعظم چيو ته حڪومت واپاري سهولتن ذريعي پاڪستان کي علائقائي ۽ عالمي سپلائي چين جو هڪ مؤثر حصو بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي. واپاري سهولت بورڊ جو بنيادي مقصد واپار سان لاڳاپيل سڀني طريقيڪار ۾ رڪاوٽون ختم ڪرڻ آهي. وزيراعظم چيو ته وڏي مقدار وارن بندرگاهن تي سڀني لاڳاپيل ادارن کي ڪاروباري برادري کي هڪ جڳهه تي سهولتون فراهم ڪرڻ گهرجن. مختلف ادارن جي گڏيل معائني ۽ گڏيل پروفائلنگ سسٽم کي فروغ ڏنو وڃي. وزيراعظم چيو آهي ته وزيراعظم هدايت ڪئي ته سڀني نان ٽيرف قدمن جو جامع آڊٽ ڪيو وڃي ۽ واپار ۾ غيرضروري رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن. پاڪستاني بندرگاهن تي سڌي طرح شپنگ لائينون آڻڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. وزيراعظم چيو ته سڌي طرح شپنگ جي سهولت پاڪستاني ڪارخانن کان عالمي خريد ڪندڙن تائين شين جي ترسيل کي آسان ۽ تيز بڻائيندي. وزيراعظم پاران نيشنل ٽريڊ پرفارمنس انڊيڪس تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. نيشنل ٽريڊ پرفارمنس انڊيڪس اهم اشارن کي ماپيندو جنهن ۾ ڪارگو جي رهائش جو وقت، ڪسٽم ڪليئرنس، لاجسٽڪس، جهاز جي ڪليئرنس جو وقت، پوسٽ ڪليئرنس آڊٽ ۽ پري ڪليئرنس شامل آهن. وزيراعظم پاران واپار ۾ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ادارن جو حصو وڌائڻ لاءِ خاص قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم ايس ايم ايز کي درپيش رڪاوٽن جي سڃاڻپ ڪرڻ تي زور ڏنو. انهن جي ڪاروباري سفر جي مختلف مرحلن جي نقشي سازي ذريعي واپار کي آسان بڻائڻ لاءِ رسڪ مئنيجمينٽ سسٽم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ گهرجي. وزيراعظم چيو آهي ته وزيراعظم چوي ٿو ته ڪارگو ڪليئرنس جي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ ڪنٽرول کي آمد کان اڳ کان ڇڏڻ کان پوءِ جي مرحلي تائين وڌايو وڃي. وزيراعظم چوي ٿو ته صرف وڌيڪ خطري واري سامان جو مڪمل طور تي معائنو ڪيو وڃي. وزيراعظم چوي ٿو ته خطري جي انتظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ واپاري عملن کي تيز ڪرڻ لاءِ مصنوعي ذهانت کي استعمال ڪيو وڃي. اجلاس ۾ سڀني بندرگاهن لاءِ ٽائيم رليز آٽوميٽيڊ سسٽم جي مقصدن بابت آگاهه ڪيو ويو. اجلاس کي بريفنگ ڏني وئي ته هلندڙ مالي سال جي آخر تائين 30 سيڪڙو اڳ-پهچ جي ڪليئرنس جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. هلندڙ مالي سال جي آخر تائين گرين چينل شيئر کي 65 سيڪڙو تائين وڌائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. بريفنگ ڏني وئي آهي هلندڙ مالي سال جي آخر تائين اختيار ڪيل اقتصادي آپريٽرز جو تعداد 50 کان وڌيڪ ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف سڀني بندرگاهن لاءِ ٽائيم رليز آٽوميٽيڊ سسٽم لاءِ مقرر ڪيل هدفن جي منظوري ڏني. وزيراعظم نان ٽيرف قدمن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ ورڪنگ گروپ جي قيام جي منظوري ڏني، ۽ هدايت ڪئي ته هي ورڪنگ گروپ هڪ مهيني اندر غيرضروري ضابطن کي ختم ڪرڻ ۽ واپار کي آسان بڻائڻ لاءِ هڪ روڊ ميپ پيش ڪري. اجلاس ۾ وفاقي وزير رانا تنوير حسين، اعظم نذير تارڙ، جنيد انور چوڌري، وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر خان، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ واپاري سهولت بورڊ جي ميمبرن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 02

سگهيو. پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ(ن) جي وچ ۾ لاڳاپا معمول تي اچڻ تائين قومي اسيمبلي جو اجلاس نه گهرائڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. پيپلز پارٽي حڪومت کان پنهنجا خدشا ختم نه ٿيڻ تي لاڳيتو ناراض آهي. پارلياماني ذريعن موجب پيپلز پارٽي حڪومت سان ايوان ۾ مڪمل تعاون نه ڪرڻ جي فيصلي تي قائم آهي، جڏهن ته ٻنهي پارٽين ۾ اعتماد سازي بحال ڪرڻ جون ڪوششون به جاري آهن. ذريعن موجب مسلم ليگ(ن) کي پ پ قيادت سان رابطا وڌائڻ ۽ معاملا حل ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو آهي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اتحادين ۾ معاملا بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. پارلياماني ذريعن موجب قومي اسيمبلي جو 21 سيپٽمبر تي ٿيندڙ امڪاني اجلاس به اڳيان وڌائڻ جو امڪان پيدا ٿي ويو آهي. پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ(ن) جي وچ ۾ لاڳاپا معمول تي اچڻ تائين قومي اسيمبلي جو اجلاس نه گهرائڻ جي تجويز غور هيٺ آهي. حڪومت طرفان قومي اسيمبلي اجلاس جي تاريخ ۾ تبديلي تي غور ڪيو پيو وڃي. پ پ سان اعتماد بحال ڪرڻ کان سواءِ اسيمبلي اجلاس گهرائڻ بابت(ن) ليگ ۾ ڳڻتي آهي. حڪمران پارٽي کي پيپلز پارٽي کان سواءِ ڪورم پورو ڪرڻ مشڪل ٿي ويو حڪومت پ پ قيادت سان معاملا طئي ڪرڻ جي لاءِ به اعليٰ سطحي رابطن ۽ ملاقاتن جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا *** 03

يو آهي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي جي خط جو جواب موڪلي ڇڏيو. چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن جي نون ميمبرن جي مقرري بابت وزيراعظم جو خط مخالف ڌر جي اڳواڻ کي ملي ويو آهي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف اليڪشن ڪميشن ۾ نون مقررين لاءِ آئيني طريقيڪار تي عمل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي. ذريعن موجب اڳوڻي مخالف ڌر جي اڳواڻ عمر ايوب به چيف اليڪشن ڪمشنر جي مقرري لاءِ خط لکيو هو. محمود خان اڇڪزئي سان رانا ثناءالله ۽ ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري ملاقات ڪئي هئي. ملاقات دوران وزيراعظم پاران مخالف ڌر جي اڳواڻ جي خط جو جواب موڪلڻ جي خاطري ڪرائي وئي هئي. مخالف ڌر جو اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي هن وقت ڪوئيٽا ۾ موجود آهي. جيڪو ايندڙ ٻن ٽن ڏينهن ۾ اسلام آباد پهچندو اسلام آباد پهچڻ کانپوءِ محمود خان اڇڪزئي وزيراعظم جي خط تي پي ٽي آءِ اڳواڻن سان مشاورت ڪندو محمود خان اڇڪزئي چيئرمين پي ٽي آءِ سميت ٻين اڳواڻن سان به مشاورت ڪندو محمود خان اڇڪزئي وزيراعظم جي خط بابت سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علامه راجا ناصر عباس کي پڻ اعتماد ۾ وٺندو.

بقايا *** 04

ورتي آهي. ميرضا قتل ڪيس جي جاچ جي لاءِ ٺاهيل جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس جسٽس عمر سيال جي سربراهي ۾ ٿيو جنهن دوران سنڌ جو گهرو وزير ڪميشن ۾ پيش ٿيو ۽ غير مشروط معافي گهري ورتي. سربراهه ڪميشن جسٽس عمر سيال سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار کي چيو ته مون کي خوشي ٿي ته اوهان ڪميشن جي گهرائڻ تي آيا، ميرضا ڪيس ۾ مير رضا جي گهر ڀاتين ۾ اعتماد جي کوٽ آهي منهنجي ۽ اوهان جي ڪوشش هوندي ته انهن جو اعتماد بحال ٿئي. بجاءِ انهي جي ته مان انهن جي گهر ڀاتين جا سوال ڊار ڊار ٻڌان مون انهن کي موقعو ڏنو آهي ته اهي پنهنجي وڪيل جي حوالي سان ڳالهائي سگهن. جسٽس عمر سيال چيو ته ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ٻاهر تي پيٽرول هارڻ جو ڪم ڪيو هن ۽ انهي جي ايڊيشنل فيملي کي سوال ڪرڻ کان روڪيو اهو عمل صحيح نه آهي. اسان اوهان کي انهي جي لاءِ زحمت ڏني ته اوهان انهي ڳالهه جي يقين دهاني ڪرايو ته اوهان کي ڪوبه اعتراض ناهي، فيملي کي اختيار آهي ته اها سوال ڪري. گهرو وزير چيو ته سنڌ حڪومت طرفان انهي معاملي تي معذرت خواهه آهيان. ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ سنڌ حڪومت جو نمائندو آهي. اسان جو هتي اچڻ جو مقصد اهو آهي ته اسان سنڌ جي عوام کي امن امان ۽ انصاف جي فراهمي يقيني بنايون. ضياء لنجار چيو ته منهنجي ميرضا جي گهر ڀاتين سان همدردي آهي، مان به والد آهيان. پوليس ۽ حڪومت جو ڪم آهي ته اصل ڏوهاري کي سامهون آندو وڃي. ڪميشن جيڪو چوندي اسان ۽ سنڌ حڪومت اوهان سان تعاون جي لاءِ تيار آهيون. اسان نٿا چاهيون ته ڪوبه سوچي ته سنڌ حڪومت جاچ نٿي چاهي، اسان چاهيون ٿا ته شفاف ڪارروائي ٿئي ۽ وارثن کي انصاف ملي. صوبائي گهرو وزير چيو ته ڪميشن جو نتيجو اچڻ ضروري آهي ته جيئن حقيقتون سامهون اچن. جيڪي ماڻهو ملوث هوندا انهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائينداسين. ميرضا جي والد جي وڪيل جبران ناصر ميرضا جي بزنس پارٽنر کي ٻيهر طلب ڪرڻ جي استدعا ڪندي چيو ته احمد طرفان ڪميشن تي الزام لڳايا ويا. اجلاس ۾ شهرين طرفان جوڊيشل ڪميشن کي مير رضا جي ڊيجيٽل اڪائونٽس، ڊيجيٽل فٽ پرنٽس ۽ ڪلائوڊ لاگ ان بابت ڄاڻ فراهم ڪئي وئي آهي. انهي کان پوءِ ڪميشن ميرضا جو پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر اسامه، ڊاڪٽر سميه، ايس ايڇ او عديل افضال ۽ هيڊ محرر ذيشان کي به طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا *** 05

هنڌن تي عدالتي وارنٽس کي منهن ڏيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتارين جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته جنيد اڪبر ۽ عبدالغني جي خلاف ڊي چوڪ احتجاج بابت ڪيسز ۾ اڳ کان جاري وارنٽس تي عملدرآمد ڪيو ويندو جڏهن ته شبلي فراز، مراد سعيد ۽ حماد اظهر جي خلاف جوڊيشل ڪمپليڪس ڪيسز ۾ جاري عدالتي وارنٽس به عمل هيٺ آندا ويندا. زرتاج گل، عامر مسعود مغل، ڊاڪٽر امجد علي ۽ مينا خان آفريدي به مختلف اسلام آباد ڪيسز ۾ گهربل اڳواڻن ۾ شامل آهن. ذريعن موجب علي امين گنڊاپور ۽ عمر تنوير بٽ جي خلاف فيض آباد احتجاج ڪيسز ۾ جاري قانوني ڪارروائي به اڳيان وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب پي ٽي آءِ اڳواڻن جون امڪاني گرفتاريون اڳ کان داخل ايف آءِ آرز ۽ ماضي ۾ جاري عدالتي وارنٽس جي بنياد تي هونديون. اسلام آباد پوليس کي مختلف ٿاڻن ۾ داخل ڪيسز ۾ گهربل پي ٽي آءِ اڳواڻن جي عدالتي وارنٽس تي قانون موجب عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 06

اڄ طور عدالتن جي ڪارروائين جي مڪمل بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو هو سنڌ بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين اشتياق احمد ميمڻ موجب قانوني برادري سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به تجويز کي قبول نه ڪندي ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف پنهنجو موقف برقرار رکندي. سنڌ بار ڪائونسل پاران 19 سيپٽمبر تي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي ميزباني هيٺ آل سنڌ لائرز ڪنوينشن منعقد ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 07

موجب سي ڊي ڊبليو پي جو اجلاس ڊپٽي چيئرمين پلاننگ ڪميشن، وفاقي وزير منصوبه بندي احسن اقبال جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ سيف گيمز جي لاءِ رانديگرن جي سهولتن جي بهتري بابت منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو منظور ٿيل منصوبن ۾ اسلام آباد جي پاڪستان اسپورٽس ڪمپليڪس جي اهم سهوليت جي اپ گريڊ کان علاوه ٻين شهرن ۾ رانديگرن جي سهولتن جي بهتري به شامل آهي. اهڙن منصوبن جي ذريعي سيف گيمز جي لاءِ گهربل رانديگرن جي هنڌن جو معيار، فعاليت ۽ تياري کي بهتر بڻايو ويندو سي ڊي ڊبليو پي طرفان ترقياتي پيڪيج جي منظوري کي پاڪستان ۾ علائقائي رانديگرن جي ايونٽ جو رستو موثر ۽ ڪامياب منعقد ڪرڻ طرف اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو آهي. سيڪريٽري بين الصوبائي رابطا (آئي پي سي) محي الدين احمد واني 5.7 ارب روپين جي پيڪيج جي منظوري کي اهم ڪاميابي قرار ڏيندي وزيراعظم ۽ پلاننگ ڪميشن طرفان پاڪستان جي رانديگرن جي انفراسٽرڪچر کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ فراهم ڪيل قيادت ۽ تعاون جي تعريف ڪئي. هن چيو ته انهي سرمائيڪاري سان نه صرف سيف گيمز منعقد ڪرڻ ۾ سهولت ملندي پر پاڪستان جي رانديگرن جي برادري لاءِ هڪ ورثو به قائم ٿيندو محي الدين واني چيو ته 5.7 ارب روپين جي انفراسٽرڪچر پيڪيج جي منظوري سيف گيمز جي ڪامياب منعقد ڪرڻ جو هڪ اهم قدم آهي. انشاءالله پاڪستان اسپورٽس ڪمپليڪس ۽ سموري ملڪ ۾ ٻين رانديگرن جي سهولتن جي جامع اپ گريڊيشن سان رانديگرن ۽ شريڪ ٽيمن کي معياري سهولت فراهم ڪري سگهبي جڏهن ته اپ گريڊ ڪيل رانديگرن جا هنڌن گيمزجي اختتام کان پوءِ به پاڪستاني رانديگرن جي لاءِ فائديمند رهندا.

بقايا *** 08

جي مکيه جوابدار، ڪونين شاهه، گرفتاري کان اڳ ضمانت حاصل ڪري ورتي آهي. پوليس عملدارن موجب، هينئر تائين پنج جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جن ۾ به هٿياربند به شامل آهن؛ ڊبل ڪيبن گاڏي ۾ هڪ بااثر سياسي شخصيت جو پائيٽيو به موجود هو پوليس ٻڌايو ته عارف ساقي ۽ سندس پائيٽيي تي حملي جي مکيه جوابدار ڪونين شاهه گرفتاري کان اڳ ضمانت حاصل ڪري ورتي آهي.

بقايا *** 09

ن آيو آهي. اسپتال جي عملدارن موجب، سرجاني ٽائون جي رهواسي 45 سالن جي شخص ۾ منڪي پاڪس جي تصديق ٿي آهي؛ متاثر شخص کي اربع ڏينهن سنڌ انفيڪشس ڊزيز اسپتال (سنڌ جي وبائي مرضن واري اسپتال) آندو ويو هو عملدارن ٻڌايو ته مريض جي چمڙي تي داڻا يا زخم ظاهر ٿيڻ بعد سندس "ايم پاڪس پي سي آر" (mpox PCR) ٽيسٽ ڪئي وئي، جنهن ۾ وائرس جي موجودگي جي تصديق ٿي. مريض هن وقت سنڌ انفيڪشس ڊزيز اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي. صحت کاتي جي رپورٽ موجب، هن سال سنڌ ۾ منڪي پاڪس جا 42 تصديق ٿيل ڪيس رڪارڊ ڪيا ويا آهن، جن مان 14 ڪيسن جو تعلق ڪراچي سان آهي.

بقايا *** 10

5ع دوران 6.5 سيڪڙو جي اوسر واري شرح حاصل ڪئي. سال دوران 22 مختلف وڏين صنعتن مان 16 صنعتن جي اوسر واري شرح ۾ اضافو جڏهن ته 6 صنعتن جي اوسر واري شرح ۾ گهٽتائي ٿي آهي. اقتصادي تجزيه ڪار محي الدين اعظم پنهنجي تجزياتي رپورٽ ۾ چيو آهي ته گذريل مالي سال دوران ايل ايس ايم جي شعبي جي ترقي جي شرح ۾ 6.5 سيڪڙو جو اضافو ٿيو ۽ مجموعي طور تي 22 مختلف صنعتن سال دوران اوسر واري شرح حاصل ڪئي جن مان 6 صنعتن جي شرح منفي جڏهن ته 16 جي مثبت رهي. بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ ۽ مثبت اوسر واري شرح حاصل ڪندڙ صنعتن ۾ آٽو موبائل ۽ ٽرانسپورٽ جو شعبو 61.6 سيڪڙو جي اوسر واري شرح سان پهرين نمبر تي رهيو جڏهن ته ڪارن جي پيداواري صنعت جي ترقي جي شرح گذريل مالي سال دوران 51 سيڪڙو ۽ ٽرڪن جي وڪري ۾ 87.8 سيڪڙو جي نمايان اوسر ٿي آهي. رپورٽ مطابق آٽو اسيمبلرز جي مقامي طلب ۾ اضافي جي نتيجي ۾ رٻڙ جي مصنوعات تيار ڪندڙ صنعت جي اوسر واري شرح ۾ 14.3 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي. اهڙي طرح بجلي جا اوزار تيار ڪندڙ صنعتن جي اوسر واري شرح ۾ به 11.9 سيڪڙو، تماڪ جي پيداوار جي شعبي ۾ 11.7 سيڪڙو ۽ ڪوڪ ۽ پيٽروليم مصنوعات جي صنعت جي ترقي جي شرح ۾ 10.9 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي. غذائي جنسن جي پيداوار ۾ 9.8 سيڪڙو، بيوريجز جي صنعت جي ترقي جي شرح ۾ 7.7 سيڪڙو ۽ نان ميٽالڪ معدنيات جي شعبي ۾ 8.2 سيڪڙو ۽ سيمينٽ جي صنعت گذريل مالي سال دوران 9.1 سيڪڙو جي شرح سان ترقي ڪئي آهي. انگن اکرن مطابق سال دوران ملبوسات تيار ڪندڙ صنعت جي اوسر واري شرح ۾ 0.7 سيڪڙو ۽ فرنيچر سازي جي صنعت جي اوسر واري شرح ۾ به 20.5 سيڪڙو جي اوسر ٿي آهي. محي الدين اعظم رپورٽ ۾ چيو آهي ته صارفين جي خريد واري سگهه بهتر ٿي آهي جنهن سبب وڏن صنعتي ادارن جي شعبي جي ڪارڪردگي تي مثبت اثر پيا آهن. هن چيو ته قومي معيشت ۾ بهتري سان مقامي طور تي تيار ڪيل مصنوعات جي کپت ۾ به اضافو ٿيو آهي.

بقايا *** 11

راهداري پاڪستان جي معاشي منظر نامي کي نئين شڪل ڏئي رهيو آهي، سي پيڪ پاڪستان کي علائقائي رابطن جي هڪ اهم مرڪز طور ابرڻ جو موقعو ڏئي رهيو آهي. پاڪستان مرڪزي ايشيا ۽ اولهه چين کي گرم پاڻين ۽ بندرگاهن سان ڳنڍي رهيو آهي. انهن خيالن جو اظهار هن خميس ڏينهن هانگ ڪانگ ۾ 11 هين بيلٽ اينڊ روڊ سمٽ جديد ڪاري ۽ سيڙپڪاري جي سهولت تي ٻڌل آهي. ٽيڪسٽائل، زرعي مصنوعات، علم تي ٻڌل صنعتن ۽ خدمت کي عالمي ويليو چينز سان ڳنڍيو پيو وڃي. پاڪستان زراعت، اهم معدنيات ۽ انساني وسيلن سان مالا مال ملڪ آهي. جام ڪمال خان چيو ته جديد ٻج، موسمياتي سمارٽ زراعت ۽ بهتر سپلائي چينز سان غذائي تحفظ ۽ روانگي واپار وڌائي سگهجي ٿو. ٽامي، ڪوئلي ۽ اهم معدنيات جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن. وفاقي وزير سيڙپڪارن کي شفاف ۽ ڪاروبار دوست نظام تحت معدني وسيلن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏيندي چيو ته پاڪستاني افرادي سگهه جي صلاحيتن جو ثبوت اٽڪل 40 ارب ڊالرن ۽ ساليانو پرڏيهه مان اماڻيل متاسنا جو ناڻو آهي. بي آر آءِ شراڪتدار سي پيڪ فيز ٽو تحت پاڪستان ۾ دستياب سيڙپڪاري جي موقعن مان فائدو کڻن. پاڪستان مذهبي، ثقافتي ۽ قدرتي سياحت جا بي مثال موقعا رکي ٿو.

بقايا *** 12

ميزائل حملن ۾ 8 ايف-15 جهازن کي معمولي نقصان پهتو ۽ مرمت بعد ڪين ٻيهر فضائي ٻيڙي ۾ شامل ڪيو ويو. ميزائل حملي جي نتيجي ۾ اي 10- ٿنڊر بولٽ حملو ڪندڙ جهاز، جيڪو وارٿاگ جي نالي سان مشهور آهي جو هڪ پرتئي پيو آهي. ايران جي انهن حملن ۾ ڪو آمريڪي فوجي ناهي مارجي ويو. اهي حملا ان اعلان جي ڪجهه ڪلاڪن بعد ٿيا جڏهن آمريڪا چيو هو ته هن آمريڪي بحريه جي هڪ جنگي جهاز تي ايراني حملن جي جواب ۾ پنج ايراني تيل بردار ٽينڪرن کي نشانو بڻايو آهي. ان جي جواب ۾ پاسدارن انقلاب آمريڪي 8 تيل بردار ٽينڪرن ۽ ٻن جنگي جهازن ۽ اردن جي موفق سلطي فضائي اڏي کي نشانو بڻايو. اردن ۾ مقرر آمريڪي فوج انهن حملن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ 30 کان وڌيڪ پيٽريٽ ميزائل فائر ڪيا. اها رپورٽ هڪ اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن آمريڪي پيٽريات ميزائلن ۽ ڪجهه ٻين جديد هٿيارن جا ذخيرا تيزي سان گهٽ ٿي رهيا آهن. پينٽاگون اختيارين ابان تائين موفق سلطي اڏي تي موجود جهازن کي پهچل نقصان جي تفصيلن جي باضابطه تصديق يا ترديد ناهي ڪئي. هوڏانهن اربع ۽ خميس جي وچ واري رات ايران جي علائقن قشم سيريڪ ۽ ميناب ۾ ڌماڪن جا اطلاع مليا آهن.

بقايا *** 13

س ڪاتي جا تفصيل حاصل ڪري ورتا آهن، جن موجب ان ڪاتي ۾ ڪروڙين آمريڪي ڊالرن جي برابر يو ايس ڊي ٽي جي واپار ڪئي وئي. ذريعن موجب مير رضا 2021ع ۾ بائنانس ڪاتو ٺاهيو هو جنهن ۾ مجموعي طور 8 ڪروڙ 90 لک کان وڌيڪ يو ايس ڊي ٽي جي خريد ۽ وڪري ڪئي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مير رضا کي فيوچر ٽريڊنگ دوران 3 ڪروڙ 49 لک کان وڌيڪ يو ايس ڊي ٽي جو نقصان پڻ ٿيو ذريعن موجب 2024ع کان 2026ع دوران مير رضا کي بائنانس تي هڪ لک 39 هزار کان وڌيڪ يو ايس ڊي ٽي جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو. جڏهن ته موت کان ڪجهه ڏينهن اڳ 22 ۽ 23 جولاءِ 2026ع تي پڻ لڳ ڀڳ 20 لک يو ايس ڊي ٽي جو نقصان ٿيو. ڪيس جي جاچ دوران مير رضا جي مالي معاملن ۽ ڊجيٽل ڪاتن بابت وڌيڪ معلومات پڻ سامهون اچي رهي آهي، جڏهن ته اختيارين طرفان بائنانس ڪاتي جي تفصيلن جو جائزو ورتو پيو وڃي، جيئن مالي ڏيتي ليتي ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن جي وڌيڪ جنچ ڪري سگهجي.

بقايا *** 14

گ ضمانت حاصل ڪري ورتي آهي. پوليس عملدارن موجب، هينئر تائين پنج جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جن ۾ به هٿياربند به شامل آهن؛ ڊبل ڪيبن گاڏي ۾ هڪ بااثر سياسي شخصيت جو پائيٽيو به موجود هو پوليس ٻڌايو ته عارف ساقي ۽ سندس پائيٽيي تي حملي جي مکيه جوابدار ڪونين شاهه گرفتاري کان اڳ ضمانت حاصل ڪري ورتي آهي.

بقايا *** 15

ل برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ته هو هر بالغ آمريڪي شهري کي 5 هزار ڊالر جو "ٽرمپ ڊيويڊنڊ" ڏيندو اهو ووٽرن کي پنهنجي پارٽي جي حمايت لاءِ راغب ڪرڻ جي هڪ غيرمعمولي ڪوشش آهي. ٽرمپ اها تجويز پنهنجي ريپبلڪن پارٽي جي پهرين مڊٽرم ڪنونشن دوران پيش ڪئي، پر فوري طور واضح نه ٿي سگهيو ته اهي ادائگيون ڪهڙي طريقي سان ڪيون وينديون يا اهي قانوني به هونديون يا نه. آمريڪا ۾ لڳ ڀڳ 27 ڪروڙ بالغ ماڻهو آهن، تنهن ڪري هن منصوبي تي لڳ ڀڳ 1.35 ٽريلين ڊالر خرچ اچي سگهي ٿو هڪ ڪلاڪ جاري رهندڙ پرائم ٽائيم خطاب دوران ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته هن "صدر جي حيثيت ۾ تاريخ جا عظيم ترين ٻه سال" مڪمل ڪيا آهن. اهڙي ريت هن پاڻ کي چونڊن جي مرڪز ۾ آڻي ڇڏيو، باوجود ان جي ته سندس مقبوليت ۾ مسلسل گهٽتائي اچي رهي آهي. پر اهو واضح نه هو ته سندس مهم واري انداز جي تقرير انهن اهم سوئنگ ووٽرن کي ڪيترو متاثر ڪندي، جيڪي راءِ شماري موجب ٽرمپ جي پارٽي کان پري ٿيندا پيا وڃن. انهن ووٽرن ۾ مهانگائي، زندگي جي وڌندڙ خرچن ۽ ايران سان جنگ بابت بيچيني وڌي رهي آهي. هن چيو: "جيڪڏهن اسان آمريڪا جو مستقبل ريڊيڪل کاٻي ڌر جي ڊيموڪريٽن جي حوالي ڪري ڇڏيون ته اسان جي قوم ايندڙ ڏهاڪو صرف پنهنجي پيرن تي ٻيهر بيهڻ ۾ گذاريندي." هن وڌيڪ چيو: "ريپبلڪن کي ووٽ ڏيو ۽ اسان ايندڙ نسلن تائين دنيا کي پنهنجي پويان ڇڏي ويندا سين." ٻن ڏينهن واري ڊيلاس ڪنونشن ۾ ٽرمپ خميس ڏينهن اختتامي خطاب پڻ ڪندو، جڏهن ته نائب صدر جي ڊي وينس اهم خطاب ڪندو هي اجتماع ان ڳالهه کي اجاگر ڪري ٿو ته ريپبلڪن پارٽي جون سياسي اميدون ٽرمپ سان ڪيتري حد تائين ڳنڍيل آهن ۽ 3 نومبر تي ٿيندڙ مڊٽرم چونڊن کان اڳ پارٽي جي حڪمت عملي به پيش ڪري ٿو اها تقريب صدر ٽرمپ جي چوڌاري ايتري مرڪوز هئي، جو ريپبلڪن نيشنل ڪميٽي جي چيئرمين جو گروٽرز غيررسمي طور ان کي "ٽرمپاپالوزا" جو نالو ڏنو، جيڪو مشهور موسيقي ميلي "لالاپالوزا" ڏانهن اشارو آهي. ٽرمپ تي ايترو پروسو ڪرڻ هڪ خطرناڪ سياسي شرط پڻ آهي، ڇاڪاڻ ته پارٽي اها اميد رکي ٿي ته هو انهن ئي ووٽرن کي ٻيهر متحرڪ ڪري سگهندو جن ٻه سال اڳ کيس صدر بڻايو هو پر عوامي راءِ شماريون ظاهر ڪن ٿيون ته سندس مقبوليت جي شرح تاريخ جي گهٽ ترين سطح تي پهچي وئي آهي. صدر چيو ته چونڊن واري ڏينهن تائين باقي اٺن هفتن دوران هو اهم مقابلي وارن رياستن ۽ چونڊ ضلعن جا ڪيترائي دورا ڪندو ٽرمپ چيو: "مان توهان کان چئي رهيو آهيان ته تصور ڪريو ته مان پاڻ بيلٽ تي موجود آهيان." سندس اهو جملو شايد ڊيموڪريٽڪ مهم جي حڪمت عملي ٺاهيندڙن کي به ايترو ئي پسند آيو هجي جيترو "ميگا" حمايت ڪندڙن کي. ڪنونشن خاص طور انهن ريپبلڪن اميدوارن لاءِ هڪ ڏکيو فيصلو پيش ڪيو، جيڪي سخت مقابلي وارين چونڊن وڙهي رهيا آهن. انهن کي شايد پنهنجي مقبوليت وڌائڻ لاءِ ٽرمپ کان ڪجهه فاصلو رکڻ جي ضرورت هجي، پر ساڳئي وقت اهي ٽرمپ جي انتهائي وفادار حمايت ڪندڙن کي ناراض ڪرڻ جو خطرو به برداشت نٿا ڪري سگهن. اهڙن ڪيترن ئي ريپبلڪن اڳواڻن ڪنونشن ۾ شرڪت نه ڪئي، جن ۾ مشي گن جو نمائندو ٽام بيريٽ، الاسڪا جو سينيٽر ڊين سليوان ۽ مين جي سينيٽر سوزن ڪولنز شامل آهن. اهي سڀئي هن سرءُ ۾ مضبوط ڊيموڪريٽڪ مخالفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. تنهن هوندي به ڪجهه ريپبلڪن اڳواڻ ڊيلاس پهتا. ريپبلڪن نيشنل ڪميٽي جي شيڊول موجب، ايوان نمائندگان ۽ سينيٽ جي سخت مقابلي وارن چونڊن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 16 اميدوارن کي خطاب ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. اربع ڏينهن خطاب ڪندڙن ۾ ٽيڪساس جو اٽارني جنرل ڪين پيڪسٽن پڻ شامل هو، جيڪو ٽرمپ جو ويجهو اتحادي آهي ۽ ڊيموڪريٽڪ قانون ساز جيمس ٽالاريڪو خلاف سينيٽ جي سخت مقابلي ۾ آهي. اوهايو جو سينيٽر جان هسٽڊ پڻ خطاب ڪيو، جيڪو اڳوڻي سينيٽر شيرڊ براؤن کي منهن ڏئي رهيو آهي. جيتوڻيڪ ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته 21 هزار ماڻهن جي گنجائش وارو ميدان مڪمل ڀريل هو، پر سندس خطاب دوران مٿيان حصا وڏي حد تائين خالي نظر آيا. ڊيموڪريٽن کي "سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ" قرار ڏيڻ جڏهن ريپبلڪن اڳواڻن ڪنونشن کي ٽرمپ جي پاليسين کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو قرار ڏنو هو، تڏهن شروعاتي اڪثر مقرر ڪندڙن جو ڌيان ڊيموڪريٽن تي سخت تنقيد ڪرڻ تي رهيو خاص طور ٽرانسجينڊر عورتن جي رانديڻ ۾ شرڪت ۽ سرحدي سيڪيورٽي جهڙن معاملن تي ڊيموڪريٽن کي انتهاپسند قرار ڏنو ويو، جيڪي پارٽي جي بنيادي ووٽرن کي خوش ڪندڙ سياسي موضوع آهن. ووٽرن پاران مسلسل اهم ترين مسئلن طور بيان ڪيل ايران سان جنگ ۽ زندگي جي وڌندڙ خرچن کي نسبتاً گهٽ اهميت ڏني وئي. ڪنونشن ۾ شرڪت ڪندڙ الاباما جي رياستي نمائندي ارني ياربرو چيو ته ٽرمپ کي ووٽرن کي وڌيڪ واضح طور ٻڌائڻ جي ضرورت آهي ته ايران سان جنگ ڪيتري عرصي تائين هلي سگهي ٿي ۽ سندس انتظاميا جا مقصد ڪهڙا آهن. هن چيو: "ماڻهو اهو محسوس ڪرڻ چاهين ٿا ته اسان ڪنهن نه ختم ٿيندڙ چڪر ۾ ڦاسي نه وڃون." ٽرمپ تهران تي حملي جي پنهنجي فيصلي جو دفاع ڪندي چيو ته هن اهو قدم ايران کي ايٽمي هٿيار ٺاهڻ کان روڪڻ لاءِ کنيو. هن اهو به واعدو ڪيو ته "جيئن ئي اسان ايران سان جنگ کٽينداسين، تيل جون قيمتون تيزي سان گهٽجي وينديون." هن دعويٰ ڪئي ته اها فتح جلد حاصل ٿيندي. پر ڇهن مهينن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود جنگ ختم ٿيڻ جا ڪي واضح آثار نظر نٿا اچن، جڏهن ته آمريڪا ۽ اسرائيل ايران تي حملا شروع ڪيا هئا. تجزيه نگارن جو چوڻ آهي ته ايران جو ايٽمي پروگرام مڪمل طور ختم ناهي ٿيو ايران ايٽمي هٿيار ٺاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي ترديد ڪري ٿو ٽرمپ

بقايا *** 16

ويندو ۽ چونڊن کانپوءِ تيل جي قيمتن ۾ به گهٽتائي ايندي. آمريڪي صدر چيو ته ايران سان ڳالهين جو امڪان موجود آهي. ۽ هن ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته هو ان مسئلي بابت پنهنجي حڪمت عملي ۾ ائٽمي معاهدي کان اڳتي ڏسي رهيو آهي. صدر ٽرمپ اهو به چيو ته هو ويسٽ بئنڪ ۾ يهودي آبادين تي لاڳو پابندين بابت اسرائيل سان ڳالهه ٻولهه ڪندو.

بقايا *** 17

سامهون آئي آهي. جڏهن ته اختيارين مير رضا جي بائنانس اڪائونٽ جا تفصيل حاصل ڪري ورتا آهن. رپورٽ موجب مير رضا 2021ع ۾ بائنانس اڪائونٽ ٺاهيو جنهن ۾ مجموعي طور 8 ڪروڙ 90 لک يو ايس ڊي ٽي کان وڌيڪ جي وڪرو ۽ خريد ڪئي وئي. جڏهن ته مير رضا کي فيوچر ٽريڊنگ ۾ 3 ڪروڙ 49 لک يو ايس ڊي ٽي کان وڌيڪ جو نقصان ٿيو. ذريعن جو چوڻ آهي ته 2024ع کان 2026ع دوران مير رضا کي هڪ لک 39 هزار يو ايس ڊي ٽي جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو جڏهن ته موت کان ڪجهه ڏينهن اڳ 22 ۽ 23 جولاءِ 2026ع تي پڻ لڳ ڀڳ 20 لک يو ايس ڊي ٽي جو نقصان ٿيو هو.

بقايا *** 18

علي شاهه شيرازي سان ٺٽو ۽ سجاول جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو ان موقعي تي سيد شير علي شاهه ڪاظمي، عبدالعزيز شيخ، ارشاد علي گندرو سميت ٺٽو ۽ سجاول جي مختلف علائقن مان آيل ماڻهن ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي سان ملاقات ڪري ڪين علائقائي ۽ عوامي مسئلن کان آگاهه ڪيو ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي ملاقات لاءِ آيل ماڻهن جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ ڪين مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار ۽ ڪردار ادا ڪرڻ جي يقين ڏياريندي چيو ته عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ سندس ترجيحن ۾ شامل آهن. ملاقات دوران ٺٽو ۽ سجاول واسين ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي پاران مسئلن جي حل لاءِ تعاون ۽ خاطري ڪرائڻ تي سندس شڪريو ادا ڪيو.

بقايا *** 19

اڄ دورو مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڪستان واپس پهتا آهن. ان کان اڳ، لنڊن مان واپسيءَ تي جڏهن سندن صحت بابت پڇيو ويو ته صدر زرداري چيو ته خدا جي فضل سان لنڊن ۾ سندن وقت سٺو گذريو هو صدر زرداري جي واپسيءَ جو شيڊول ڳالهه جو هو پر برطانيا ۾ ايئر ٽريفڪ ڪنٽرول سسٽم ۾ خرابيءَ سبب سندن واپسي ۾ دير ٿي وئي.

بقايا *** 20

هئي، لاجسٽڪس پارڪ جي قيام ۽ 500 اي وي بسز جي خريداري سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ ايس ايم ٽي اي بورڊ جي ميمبرن، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، ايم ڊي ايس ايم ٽي اي بهزاد ميمڻ، ڊي آئي جي ٽريفڪ پير محمد شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل اختياريون شريڪ ٿيون. انهي موقعي تي ٽرانسپورٽ جي شعبي بابت مختلف انتظامي، ٽيڪنيڪي ۽ عملي معاملا، ماس ٽرانزٽ منصوبن جي اڳيرائي ٽريفڪ مينجمينٽ ۽ شهرين کي جديد سفري سهولتن جي فراهمي جي حوالي سان به تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته لاجسٽڪس پارڪ جي قيام ۽ 500 اي وي بسز جي خريداري لاءِ ضروري ڪارروائي مڪمل ڪندي سنڌ ڪابينه کان منظوري حاصل ڪئي ويندي. انهي کان علاوه ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ جاري ۽ مستقبل جي منصوبن جي مختلف تجويزن تي به غور ڪيو ويو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت طرفان لاجسٽڪس پارڪ جو قيام ڪراچي جي شهرين لاءِ هڪ انقلابي ڪم هوندو لاجسٽڪس پارڪ جي تعمير سان شهر ۾ هيوي ٽريفڪ جو دٻاءُ وڏي پيماني تي گهٽ ٿي ويندو هن چيو ته لاجسٽڪس پارڪ جو قيام صوبي ۾ ٽرانسپورٽ ۽ لاجسٽڪس جي شعبي کي جديد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. شرجيل ميمڻ لاڳاپيل اختيارين کي منصوبن جي حوالي سان ضروري ٽيڪنيڪي ۽ انتظامي ڪارروائي جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ حڪومت جي اوليت ۾ شامل آهي. وڌيڪ اي وي بسز جي اچڻ سان ڪراچي جي شهرين کي بهترين سفري سهولتون ملي سگهنديون.

بقايا *** 21

اڄ اگهه هن ريت جاري ڪيا آهي. آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 279.14 رپيا ۽ خريد جو اگهه 276.14 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 378.39 رپيا ۽ خريد جو اگهه 373.92 رپيا. اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 74.37 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.44 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 76.01 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.11 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو. جڏهن ته جاپاني ين جي وڪري جو اگهه 1.8197 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7983 رپيا رهيو اهڙي ريت يورو جي وڪري جو اگهه 324.85 ۽ خريد جو اگهه 321.03 رپيا رهيو.

بقايا *** 22

آهن. جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 1 لک 9 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 1 لک 55 هزار 400 ڪيوسڪ رهيو. ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو متاڻهون ۽ هيٺاهون وهڪرو ترتيبوار 19 هزار 400 ڪيوسڪ. خيرآباد پل تي پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 1 لک 62 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 1 لک 62 هزار 100 ڪيوسڪ. جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 15 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 30 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 41 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 14 هزار 600 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1547.70 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.452 ملين ايڪڙ فوٽ. منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1221.65 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.704 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 645.70 فوٽ، بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.164 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 23

يڪريٽري آمنه بلوچ ۽ گڏيل قومن ۾ مستقل نمائندي عاصم افتخار احمد جي نين مقررين جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ٻڌايو ته گڏيل قومن ۾ پاڪستان جا مستقل نمائندا عاصم افتخار احمد نئين پرڏيهي سيڪريٽري طور خدمتون سرانجام ڏيندا. اسحاق ڊار چيو ته عاصم افتخار احمد جي قيادت ۾ پرڏيهي آفيس پيشه ورانه انداز ۾ پاڪستان جي مفادن کي اڳتي وڌائڻ جو سلسلو جاري رکندي. اسحاق ڊار ٻڌايو ته آمنه بلوچ 11 سيپٽمبر 2024 کان پرڏيهي سيڪريٽري طور ذميواريون سنڀاليندين ۽ هوءَ 17 سيپٽمبر 2026 تي سرڪاري ملازمت تان رٽائر ٿينديون. رٽائرمينٽ کانپوءِ هوءَ ترڪي ۾ پاڪستان جي سفير طور ذميواريون سنڀاليندين.

بقايا *** 24

تي مختلف ٽيڪس سليبز ۾ ٽيڪس جي شرح ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي. 10 ملين روپين کان وڌيڪ قابل ٽيڪس آمدني رکندڙ پگهاردار ماڻهن تي لاڳو 9 سيڪڙو سرچارج به ختم ڪيو ويو آهي. ايف بي آر طرفان جاري وضاحتي بيان موجب فنانس ايڪٽ 2026ع تحت انڪم ٽيڪس آرڊيننس 2001ع جي فرسٽ شيڊول جي پهرين حصي پهرين ڊويزن جي شق (2) ۾ موجود جدول کي تبديل ڪندي پگهاردار ماڻهن لاءِ ٽيڪس جي نظرثاني ٿيل شرح مقرر ڪئي وئي آهي. نظرثاني ٿيل شرح موجب 6 لک روپين تائين ساليانو ٽيڪس جوڳي آمدني تي ڪو به انڪم ٽيڪس لاڳو نه هوندو 6 لک کان وڌيڪ پر 12 لک کان گهٽ آمدني تي 6 لک روپين کان وڌيڪ رقم جو هڪ سيڪڙو ٽيڪس وصول ڪيو ويندو 12 لک روپين کان وڌيڪ پر 22 لک روپين تائين ٽيڪس جوڳي آمدني تي 6 هزار روپين ڪانسواءِ 12 لک روپين کان وڌيڪ رقم جو 11 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو هوندو اهڙي طرح 22 لک روپين کان وڌيڪ پر 32 لک روپين تائين جي آمدني تي هڪ لک 16 هزار ڪانسواءِ 22 لک روپين کان وڌيڪ رقم جو 20 سيڪڙو ٽيڪس هوندو وضاحتي سرڪلر موجب 32 لک روپين کان وڌيڪ پر 41 لک روپين تائين ٽيڪس جوڳي آمدني رکندڙ ملازمن کان 3 لک 16 هزار روپين ڪانسواءِ 32 لک کان وڌيڪ رقم جو 25 سيڪڙو ٽيڪس وصول ڪيو ويندو 41 لک روپين کانو ڊيڪ پر 56 لک روپين تائين آمدني تي 5 لک 41 هزار روپين ڪانسواءِ 41 لک روپين کان وڌيڪ رقم جو 29 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو هوندو 56 لک روپين کان وڌيڪ پر 70 لک روپين تائين ٽيڪس جوڳي آمدني تي 9 لک 76 هزار روپين کان سواءِ 56 لک روپين کان وڌيڪ رقم جو 32 سيڪڙو ٽيڪس هوندو سرڪلر موجب 70 لک کان وڌيڪ آمدني رکندڙ ماڻهن لاءِ ٽيڪس جي شرح 14 لک 24 هزار روپين ڪانسواءِ 70 لک روپين کان وڌيڪ رقم جو 35 سيڪڙو مقرر ڪئي وئي آهي. حڪومت پگهاردار طبقي تي لاڳو سرچارج ۾ به اهم گهٽتائي ڪري ڇڏي آهي. انڪم ٽيڪس آرڊيننس جي شق 4 اي بي تحت اهڙا ماڻهو ۽ ايسوسيئيشن آف پرسنز جي ٽيڪس جوڳي آمدني 10 ملين روپين کان وڌڻ جي صورت ۾ انڪم ٽيڪس جي مقرر رقم تي 10 سيڪڙو سرچارج لاڳو ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته پگهار مان آمدني حاصل ڪندڙ ماڻهن لاءِ ان حد تي 9 سيڪڙو سرچارج لاڳو هو فنانس ايڪٽ 2026ع ذريعي پگهاردار ماڻهن لاءِ هي 9 سيڪڙو سرچارج ختم ڪيو ويو آهي. نئين ترميم تحت 10 ملين روپين کان وڌيڪ آمدني رکندڙ ٻين ماڻهن ۽ ايسوسيئيشن آف پرسنز تي 10 سيڪڙو سرچارج بدستور لاڳو رهندو جڏهن ته پگهاردار ماڻهوان سرچارج کان آجو هوندو ٽيڪس سليبز ۾ گهٽتائي ۽ پگهاردار ماڻهن لاءِ سرچارج جي خاتمي جو مقصد ان طبقي تي ٽيڪس جو بار گهٽ ڪري کين مالي رليف فراهم ڪرڻ آهي.

133 رپيا 2 پئسا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل اصل قيمت کان 122 رپيا 55 پئسا في ليٽر مهانگو آهي. دستاويزن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هڪ ليٽر پيٽرول تي 131 رپيا 60 پئسا ليوي، ٽيڪس ۽ مارجنز جي مد ۾ وصول ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته في ليٽر ڊيزل تي 122 رپيا 55 پئسا ليوي، ٽيڪس ۽ مارجنز لاڳو آهن. پيٽرول جي في ليٽر لاڳت 234 رپيا 73 پئسا بڻجي ٿي، جڏهن ته هن وقت پيٽرول جي في ليٽر قيمت 367 رپيا 75 پئسا مقرر آهي. پيٽروليم ڊويزن موجب گذريل 3 ڏينهن دوران پيٽرول 21 رپيا 88 پئسا في ليٽر مهانگو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڊيزل جي قيمت ۾ 3 ڏينهن دوران 14 رپيا 62 پئسا في ليٽر واڌ ٿي آهي. 7 سيپٽمبر تي پيٽرول جي في ليٽر قيمت 345 رپيا 87 پئسا هئي، جيڪا هاڻي وڌي 367 رپيا 75 پئسا في ليٽر ٿي وئي آهي. اهڙي طرح 7 سيپٽمبر تائين ڊيزل جي قيمت 378 رپيا 5 پئسا في ليٽر هئي، جيڪا وڌي 392 رپيا 67 پئسا في ليٽر ٿي وئي آهي. ٻئي پاسي وفاقي وزير پيٽروليم علي پرويز ملڪ چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن جي لاٿ چاڙهه عالمي مارڪيٽ سان ڳنڍيل آهي. هن چيو ته قطر کان ايل اين جي جو هڪ ڪارگو جهاز ڪراچي پهچي رهيو آهي، جڏهن ته قطر يقين ڏيارو آهي ته حالتن ۾ بهتري اچڻ سان ايل اين جي جي فراهمي ۾ ڀرپور سهڪار ڪندو.

بقايا *** 26

ير ۾ ترقياتي ترجيحن جو جائزو وٺڻ، انهن کي تيز رفتاري سان اڳتي وڌائڻ ۽ انهن تي عملدرآمد جي لاءِ مناسب قدم کڻڻ جي حوالي سان خميس ڏينهن هتي هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي. نائب وزيراعظم جي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم بحث هيٺ ايندڙ قدمن تي جلد کان جلد عملدرآمد جي ضرورت تي زور ڏنو ته جيئن انهن ڪوششن جا ثمر آزاد جموں ۽ ڪشمير جي عوام جي زندگين ۾ ٺوس بهتري جي صورت ۾ سامهون اچي سگهن. نائب وزيراعظم چيو ته آزاد جموں ۽ ڪشمير جي عوام جي ترقي ۽ ڀلائي وزيراعظم محمد شهباز شريف، پاڪستان حڪومت ۽ آزاد جموں ۽ ڪشمير جي حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي. اجلاس ۾ وزيراعظم جي خاص معاون طارق فاطمي باجوه، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن واري سيڪريٽري، آزاد جموں ۽ ڪشمير جي چيف سيڪريٽري ۽ آزاد جموں ۽ ڪشمير جي حڪومت ۽ وفاقي حڪومت جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 27

ڪ ماهرن ڏوهه واري هنڌ تي مقرر طريقيڪار تي عمل نه ڪرڻ ۽ پهرين ۽ ٻي پوسٽ مارٽم دوران ڪجهه اهم نمونا حاصل نه ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. فرانزڪ ماهرن موجب ميرضا جو لاش کڻڻ وقت ڏوهه واري هنڌ کي مناسب نموني محفوظ نه ڪيو ويو ۽ لاش کڻندڙ شخص دستانا به نه پاتا هئا. ماهرن چيو ته لاش ملڻ واري هنڌ جي چوڌاري ان کان گهٽ وڌيڪ علائقو محفوظ ڪرڻ گهرجي ها، جيئن ممڪن شاهدين قائم ڪرڻ لاءِ هٽ جي ٻنهي پاسن جو تفصيلي ڪنهن بدنيتي يا ڪنهن مخصوص نتيجي تي پهچڻ درست نه هوندو پر جيڪڏهن ڪيس جي حالتن ۾ مزاحمت يا جسماني جهيڙي جو مناسب امڪان موجود هو ته ممڪن اهم شاهديون گڏ ڪرڻ جو هڪ موقعو ضايع ٿيڻ جو امڪان ضرور غور هيٺ اچي ٿو فرانزڪ ماهرن زور ڏيو ته پوليس جي ڪرائم سين يونٽ ۾ سائنس جي مختلف شعبن ۾ تعليم ۽ مناسب تربيت رکندڙ اهلڪار مقرر ڪيا وڃن، جيئن ڏوهه واري هنڌ کي مقرر طريقيڪار موجب محفوظ ڪري سگهجي. هنن چيو ته ڪنهن به اهم ڏوهه واري هنڌ تي ڊاڪٽر ۽ فرانزڪ ماهر جي موجودگي پڻ يقيني بڻائڻ گهرجي، جڏهن ته ٿاڻي جي اهلڪارن ۽ امدادي رضاڪارن کي به ڏوهه واري هنڌ کي محفوظ رکڻ بابت خاص تربيت ڏيڻ ضروري آهي.

بقايا *** 28

175 رپيا، چڪيءَ جو اٽو 180 رپيا في ڪلو تائين وڪامڻ لڳو آهي. تفصيل موجب ڪڻڪ جي اگهه ۾ 15 رپيا في ڪلو واڌ کانپوءِ نئون اگهه 130 رپيا في ڪلو تائين پهچي ويو آهي، جنهن جا اثراتي جي اگهن تي پڻ پيا آهن. فلور ملن اداءِ نمبراتي جي اگهه ۾ 15 رپيا في ڪلو واڌ ڪئي آهي، جنهن کانپوءِ مل جي سطح تي ان جو اگهه 145 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي، جڏهن ته پرچون بازار ۾ اداءِ نمبر اٽو 160 رپيا في ڪلو تائين وڪرو ڪيو پيو وڃي. اهڙيءَ طرح فائن اٽي جي اگهه ۾ پڻ 13 رپيا في ڪلو واڌ ٿي آهي ۽ پرچون بازار ۾ فائن اٽو 175 رپيا في ڪلو تائين پهچي ويو آهي. چڪيءَ جي اٽي جي اگهه ۾ پڻ 10 رپيا في ڪلو واڌ ڪئي وئي آهي، جنهن کانپوءِ اهو 180 رپيا في ڪلو تائين وڪرو ٿي رهيو آهي. اٽي جي اگهن ۾ واڌ سبب شهرين جون پريشانيون وڌيڪ وڌي ويون آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته روزمرهه جي هن اهم خوراڪ جي اگهه ۾ لڳاتار واڌ سبب گهٽ آمدني وارن ماڻهن لاءِ گهر جا خرچ پورا ڪرڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. ٻئي طرف فلور مل مالڪن جو چوڻ آهي ته موجوده مهانگن اگهن تي ڪڻڪ خريد ڪري سرڪاري اگهه تي اٽو وڪڻڻ ممڪن ناهي. مل مالڪن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته اٽي جي اگهن ۾ وڌيڪ واڌ روڪڻ ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ فوري طور تي 20 لک ٽن ڪڻڪ درآمد ڪئي وڃي. فلور مل مالڪن چيو آهي ته ڪڻڪ جي دستيابي ۽ اگهه ۾ استحڪام آڻڻ کانسواءِ اٽي جا اگهه ضابطي ۾ رکڻ ڏکيو هوندو تنهنڪري حڪومت ڪڻڪ درآمد ڪرڻ بابت ترت قدم کڻي.

بقايا *** 29

ڪيو پيو وڃي دستاويزات مان ظاهر ٿئي ٿو ته هڪ ليٽر پيٽرول تي عوام کان 131 روپيه 60 پئسن جي ليوي، ٽيڪس ۽ مارجنز جي وصولي ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته في ليٽر ڊيزل تي 122 روپيه 55 پئسا ليوي، ٽيڪس ۽ مارجنز لڳايا ويا آهن. پيٽرول جي في ليٽر لاڳت 234 روپيه 73 پئسا بڻجي ٿي پر هن وقت پيٽرول جي في ليٽر قيمت 367 روپيه 75 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي. پيٽروليم ڊويزن موجب گذريل 3 ڏينهن ۾ پيٽرول 21 روپيه 88 پئسا في ليٽر مهانگو ڪيو ويو آهي ۽ ڊيزل جي قيمت 3 ڏينهن ۾ 14 روپيه 62 پئسا في ليٽر وڌي آهي. پيٽرول جي في ليٽر قيمت 7 سيپٽمبر تي 345 روپيه 87 پئسا في ليٽر هئي پر هاڻ پيٽرول جي قيمت وڌي 367 روپيه 75 پئسا في ليٽر تي پهچي چڪي آهي. اهڙي طرح ڊيزل جي قيمت 7 سيپٽمبر تائين 378 روپيه 5 پئسا في ليٽر هئي جيڪا وڌي 392 روپيه 67 پئسا في ليٽر تي پهچي وئي آهي.

وجنهن ۾ ڪاتي جي ڪارڪردگي جو پڻ جائزو ورتو ويو ڪميٽي سيڪريٽري جي اجلاس دوران وڏي وزير سرفراز بگٽي سينئر آفيسرن کان حلف ورتو ته بلوچستان ۾ ڪابه نوڪري وڪرو نه ڪئي ويندي. انهي موقعي تي سرفراز بگٽي ٻن لفظن ۾ اعلان ڪيو ته نوڪرين جي خريد ۽ وڪرو جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي نه ڪو سيڪريٽري ۽ نه ئي ڪو وزير بچندو بلوچستان جي وڏي وزير هيلپ ڪاتي جي پرتين ۾ به بي ضابطگين جي شڪايت تي اعليٰ سطحي جاچ جو به حڪم ڏنو.

بقايا *** 31

جي حوالي سان پاليسي سطح تي اهم اڳڀرائي ٿي آهي. ڪابينه جي لاڳاپيل ڪميٽي ملڪ ۾ جي ايم مڪئي جي پوک اختيار ڪرڻ جي اصولي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. اسپيشل انوسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) مطابق اها اڳڀرائي ايس آءِ ايف سي ۽ گرين پاڪستان انيشيئيٽو ٿيڻ جي راهه هموار ٿي آهي. ڪميٽي جي اجلاس ۾ نائي واري وفاقي وزير سان گڏ ايس آءِ ايف سي ۽ گرين پاڪستان انيشيئيٽو جو ايگزيڪيوٽو به شرڪت ڪئي. اسٽيٽ بئنڪ جي رپورٽس مطابق ملڪي نيشنل ڪميٽي هائبرڊ ٻجن ذريعي پاڪستان ۾ زرعي جدت ۽ نئين ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون رهيون آهن. جي ايم مڪئي جي منظوري سان پاڪستان ۾ ٻجن جي جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال، زرعي پيداوار ۾ اضافي، فصلن کي جيتن ۽ موسمياتي دٻاءُ کان بهتر تحفظ ڏيڻ ۽ تبديل ٿيندڙ موسمي حالتن جي پيٽ ۾ زرعي شعبي جي صلاحيت وڌائڻ جا امڪان روشن ٿيا.

بقايا *** 32

فود) جي روانگي واپار مالي سال 26-2025ع ۾ پهريون ڀيرو 500 ملين ڊالر پار ڪندي 568 ملين ڊالر تائين پهچي ويو ساموندي معاملن واري وزارت مطابق گذريل ٻن سالن دوران پاڪستاني سي فوڊ جي روانگي واپار ۾ 38 سيڪڙو جو نمايان اضافو رڪارڊ ڪيو ويو سي فوڊ جو روانگي واپار 24-2023ع ۾ 406 ملين ڊالر هو جيڪو 26-2025ع ۾ 568 ملين ڊالر جي تاريخي سطح تي پهچي ويو انگن اکرن مطابق فروزن فش پاڪستان جي سڀني کان وڌيڪ ساموندي خوراڪ رهي، جنهن مان 105 ملين ڊالر کان وڌيڪ متا ستا وارو ناڻو حاصل ٿيو جڏهن ته فروزن اسڪويڊ، ڪٽل فش، فش ميل، جهينگا ۽ ٻيون شيون به اهم روانگي واپاري مصنوعات ۾ شامل رهيا. پاڪستاني سي فوڊ مصنوعات چين، جاپان، سعودي عرب، گڏيل عرب امارات، آمريڪا ۽ يورپين ملڪن سميت ٻين عالمي مارڪيٽن تائين پهچي رهيون آهن. ساموندي معاملن واري وزارت مطابق روانگي واپار جي معيار ۾ بهتري، فوڊ سيفٽي جي گهرجن تي ڌيان ۽ نين عالمي مارڪيٽن تائين پهچ روانگي واپار ۾ اضافي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو وزارت مطابق يورپي يونين پاران 2007ع ۾ لڳايل پابندي کانپوءِ پاڪستاني سي فوڊ مصنوعات جي يورپي مارڪيٽ ۾ پنهنجو اعتماد بحال ڪري رهي آهي، جيڪو ملڪي ساموندي خوراڪ جي صنعت لاءِ هڪ هاڪاري اڳڀرائي آهي.

بقايا *** 33

اعظم محمد شهباز شريف جي ڪيش ليس اڪانامي جي ايجنڊا تحت پاڪستان ۾ ڊيجيٽل ڏيتي ليتي ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي ۽ ڊيجيٽل ڏي وٺ ڪندڙن جو انگ 5 لک کان وڌي 20 لک کان وڌيڪ ٿي چڪو آهي جنهن سان جون 2026 ۽ تائين طئي ڪيل هدف حاصل ڪيو ويو آهي جڏهن ته اڳ اهو اضافي جي هدف ڪي ۽ حڪومت پورو ڪندي. هن اهلال اظهر ڪياني چيو ته راست ڪيو آر ڪوڊ کي هٿي ڏيڻ لاءِ حڪومت جي ساڃا تي ارب جي سسٽمٽ جي ڊيجيٽل ادائگين جو نظام استعمال ڪندڙن جي انگ ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي. هن چيو ته معيشت جي ڊاڪيومينٽيشن، ماليات نظام ۾ وڌ کان وڌ عوام کي شامل ڪرڻ ۽ سرڪاري ادائگين ۾ شفافيت ۽ اضافي سان ڪارڪردگي وڌائڻ لاءِ حڪومتي سڌارا تيزي سان جاري آهن جن جا هاڪاري نتيجا نڪري رهيا آهن وڌيڪ حڪومتي سڌارن وارن قدمن جي ساراهيندي جي ٽيڪس فائونڊيشن پاران ڪيش ليس پاڪستان جي وسيع تر معاشي سڌارن جي ايجنڊا جي حمايت جاري رکڻ جي خاطري ڪرائي.

بقايا *** 34

ن جي دوران گهر ۾ رکيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو تفصيل موجب خميس جي صبح شاهراهه فيصل جي پرسان محمد علي سوسائٽي ۾ هڪ گهر ۾ اوچتو باهه لڳي جنهن ڏسندي ئي ڏسندي شدت اختيار ڪري ورتي. سينٽرل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول کي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 جي فائر اينڊ ريسڪيو موقعي تي پهچي وئي. جنهن باهه تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي. ريسڪيو 1122 جي ٽيم ڪجهه ئي دير ۾ باهه تي ڪنٽرول ڪري ورتو پر باهه دوران گهر ۾ موجود سامان سڙي خاڪ ٿي ويو. باهه جي دوران ڪنهن به قسم جو ڪوبه جاني نقصان نه ٿيو ريسڪيو ترجمان 1122 موجب متاثر گهر قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو آهي. جڏهن ته باهه گهر جي اسٽور روم ۾ لڳي هئي جنهن سبب اسٽور روم جي پاسي ۾ موجود واش روم به متاثر ٿيو ترجمان موجب باهه لڳڻ جي سبب جاڻ تائين خبر نه پئجي سگهي آهي.

بقايا *** 35

تڪ ميزائل ۽ ڊرون فائر ڪيا. ترجمان موجب حملن ۾ ڪنهن به قسم جي جاني نقصان جي اطلاع ناهي ملي. هن چيو ته اتحادي فوج سعودي عرب جي خودمختاري، قومي تنصيبات ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ اهڙن حملن جو مناسب جواب ڏيندي. اهي حملا اهڙي وقت ۾ ٿيا آهن جڏهن يمن ۾ حوثين ۽ سعودي حمايت يافته حڪومتي فورسز جي وچ ۾ جهيڙي ۾ تيزي اچي وئي آهي. حوثين هلندڙ ڏينهن ۾ سعودي عرب جي ڪيترن علائقن ۾ توانائي ۽ فوجي تنصيبات کي به نشانو بڻايو جڏهن ته سعودي حمايت يافته فورسز يمن ۾ حوثين جي خلاف جوابي ڪارروائي ڪري رهيا آهن. تازي ڪشيدگي سبب بحيره احمر ۽ باب المندب جي اهم بحري گذرگاهن جي سيڪيورٽي تي به خدشا وڌي ويا آهن يمن ۾ گذريل هفتي کان جاري نئين جهيڙي ۾ 500 کان وڌيڪ ماڻهن جي فوتگي جي اطلاع سامهون آئي، پر مختلف ذريعن طرفان انگن اکرن جي آزادانه تصديق نه ٿي سگهي آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

حال کي منهن ڏئي رهيو آهي. اسڪول ۾ ڪي جي کان پنجين ڪلاس تائين 142 شاگردياڻيون ۽ شاگرد داخل آهن، پر انهن کي پڙهائڻ لاءِ گورنمينٽ طرفان هڪ به استاد مقرر ٿيل ناهي. هن وقت صرف ميرل خان شنباڻي اين سي ايڇ طرفان مقرر ٿيل استاد طور ٻارن کي تعليم ڏئي رهيو آهي، جيڪو ايتري وڏي تعداد ۾ شاگردن کي اڪيلو پڙهائڻ جون ذميواريون نڀائي رهيو آهي. علائقي واسين ۽ اسڪول سان لاڳاپيل ماڻهن جو چوڻ آهي ته 142 شاگردن لاءِ هڪ استاد ڪافي نه آهي، تنهن ڪري شاگردن جي انگ ۽ ڪلاسن کي نظر ۾ رکندي ايس ٽي آر _(Student Teacher Ratio)تحت فوري طور تي وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن، ته جيئن ٻارن کي معياري تعليم ملي سگهي. گرلز اسڪول هجڻ باوجود هڪ به فيميل ٽيچر مقرر نه هجڻ پڻ ڳڻتي جوڳي صورتحال قرار ڏني وئي آهي. اسڪول جي پنهنجي عمارت نه هجڻ سبب معصوم ٻار هن جديد دور ۾ به ڪچي جهوپڙي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن. جهوپڙي ۾ ڪيترائي سوراخ ٿي چڪا آهن، جنهن ڪري ٻارن کي گرمي، برسات ۽ ٻين موسمي حالتن ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. اسڪول ۾ فرنيچر ۽ واش روم سميت ٻيون بنيادي سهولتون پڻ موجود ناهن. اهڙي صورتحال ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعليم حاصل ڪرڻ انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي. ان سلسلي ۾ اسڪول جي استاد ميرل خان شنباڻي سميت شاگردن ۽ شاگردياڻين ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسڪول جي مسئلن جو فوري نوٽيس ورتو وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته اسڪول لاءِ مستقل ۽ مناسب عمارت تعمير ڪرائي وڃي، ايس ٽي آر تحت شاگردن جي تعداد مطابق وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن، خاص طور تي فيميل ٽيچر مقرر ڪئي وڃي ۽ فرنيچر، واش روم سميت سموريون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. استاد، شاگردن ۽ شاگردياڻين ڊي اي او تعليم، ڊائريڪٽر تعليم، سيڪريٽري تعليم سنڌ، صوبائي وزير تعليم ۽ وزيراعليٰ سنڌ کان پرزور اپيل ڪئي آهي ته مولا آباد جي اسڪول جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن، جيئن 142 ٻارن کي محفوظ ۽ بهتر تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهي ۽ سندن مستقبل تعليم جي بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب متاثر ٿيڻ کان بچي سگهي

بقايا عوامي سوچ 02

ڪس ايسوسيئيشن جي حمايت جو اعلان ميرپورخاص: آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن ڊويزن ميرپورخاص جي صدر غلام مرتضيٰ ارباب سول اسپتال ميرپورخاص جي ملازم شير محمد چانهيون سان ملاقات ڪئي، جنهن دوران شير محمد چانهيون خلاف سوشل ميڊيا تي مبينا طور هلندڙ ڪردارڪشي واري مهم بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ان موقعي تي شير محمد چانهيون جو چوڻ هو ته سندس خلاف اڳ به سوشل ميڊيا تي مبينا طور ڪردارڪشي ڪئي وئي آهي. هن الزام لڳائيندي چيو ته اهڙي مهم جي پٺيان غلام محمد ميمڻ ملوث آهي، جڏهن ته هو ان معاملي بابت قانوني طريقي سان اڳتي وڌندو ۽ ذميوار ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪرائڻ لاءِ قدم کڻندو. ملاقات دوران آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن ڊويزن ميرپورخاص جي صدر غلام مرتضيٰ ارباب شير محمد چانهيون کي پنهنجي مڪمل حمايت جي خاطري ڪرائيندي چيو ته "اسان توهان سان گڏ آهيون، اوهان اڪيلا نه آهيو" هن چيو ته آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن ڊويزن ميرپورخاص، ضلعي ميرپورخاص، روينيو يونٽ ميرپورخاص ۽ آءِ ٽي ايسوسيئيشن جي پوري ٽيم شير محمد چانهيون سان گڏ بيٺل آهي. غلام مرتضيٰ ارباب وڌيڪ چيو ته ڪنهن به ملازم جي عزت، وقار ۽ ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش جي مذمت ڪريون ٿا. هن چيو ته معاملي کي قانوني ۽ پرامن طريقي سان اڳتي وڌايو ويندو. جڏهن ته جلد اجلاس ڪوٺائي احتجاج جو سڏ ڏيڻ بابت پڻ فيصلو ڪيو ويندو. غلام مرتضيٰ ارباب صدر، آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن، ڊويزن ميرپورخا

بقايا عوامي سوچ 03

ن به مبينا سازش خلاف بدين بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي سيشن ڪورٽ بدين سميت ضلعي جي سمورين عدالتن ۾ وڪيلن پاران عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي وڪيلن عدالتن جي احاطن ۾ احتجاج ڪندي سنڌ جي وحدت، زمين، وسيلن ۽ حقن جي تحفظ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي بدين بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ احسان علي پرڳڙي، نائب صدر ايڊووڪيٽ عمران لنڊ، جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ اصغر چانگ ۽ ايڊووڪيٽ محمد رفيق جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ وڪيل احتجاج ۾ شريڪ ٿيا. وڪيلن سنڌ جي ورهاڱي خلاف سخت نعريبازي ڪندي پنهنجي موقف جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي. سنڌ جي عوام جي راءِ ۽ مفادن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. هنن واضح ڪيو ته سنڌ جي ورهاڱي يا سنڌ جي وحدت کي نقصان پهچائڻ واري ڪنهن به ڪوشش خلاف وڪيل برادري پنهنجو آئيني، قانوني ۽ جمهوري ڪردار ادا ڪندي رهندي ۽ ضرورت پوڻ تي ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 04

ن ۽ ڊاڪٽر دلبر حسين رند جي سربراهي ۾ ڪئي وئي. اجلاس ۾ يوسي هوت فقير رند جي سيڪريٽري اشفاق حسين رند سميت علائقي جي اهم شخصيتن، استادن، مولوي صاحبان، پوليس اهلڪارن ۽ پوليو مهم ۾ حصو وٺندڙ مختلف ٽيمن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي يونين ڪاؤنسل مينيجر آفيسر ڊاڪٽر جاويد آقبال آرائين چيو ته پوليو هڪ انتهائي خطرناڪ ۽ معذوري جو سبب بڻجندڙ بيماري آهي، جنهن کان ٻارن کي محفوظ رکڻ لاءِ حڪومت سنڌ پاران مختلف حفاظتي قدم کنيا پيا وڃن. هن چيو ته پوليو جو مڪمل خاتمو صرف سرڪاري ادارن جي ڪوشش سان ممڪن ناهي، پر ان لاءِ والدين، استادن، عالمن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، پوليس ۽ عوام کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته پوليو مهم دوران پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪيو وڃي ۽ پنهنجي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا ضرور پيئاريا وڃن، جيئن معصوم ٻارن جو مستقبل هن موذي مرض کان محفوظ بڻائي سگهجي.

اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته يوسي هوت فقير رند سميت پوري علائقي مان پوليو جي خاتمي لاءِ پوليو ٽيمن سان هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو ۽ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون. آخر ۾ ملڪ، قوم، علائقي ۽ پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ خصوصي دعا خير پڻ گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 05

جي ڪاغذن جي مڪمل جانچ پڙتال ڪري انهن ڪاغذن جي آڌار تي سنڌن جائز ڪم ميرٽ جي بنيادن تي ڪيا وڃن ٿا، باقي رشوت وٺي جعلسازي ڪرڻ وارو رڪارڊ ناهي ناهيو جيڪي اسان متان اهڙا غلط ۽ بي بنياد الزام مڙهي رهيا آهن، اهي خود ذاتي غلط ڪم وٺڻ چاهين ٿا، جن جا غلط ڪم نه ڪرڻ تي اسانکي حراسان ڪري اسانجي ساک کي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، امجد پتو چيو ته هاڻي Eرجسٽريشن وارو بهترين سسٽم شروع ٿي ويو آهي، جنهن ۾ ڪوبه غلط ڪاغذ شامل ٿيو ته اهو خودبخود رد ٿي ويندو، هن چيو ته ڪجھ مفاد پرست ماڻهون پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ سندس متان اجايا الزام هڻي سندس ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جن الزامن ۾ ڪا به صداقت ناهي، هن چيو ته 100 ايڪڙ زمين صرف 90 لک روپين جي رشوت عيوض ڏيڻ جو پڻ انڪشاف ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ پڻ ڪا صداقت ناهي، هن نيب سميت سمورن وس وارن ادارن جي اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ته هو پاڻمرادو نوٽيس وٺي ساڻس انصاف ڪري سندس ساک کي بلاجواز نقصان پهچائي پنهنجا مفاد حاصل ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي، جيئن آئنده ڪوبه اهڙو مفادپرست ماڻهون پنهنجي مفاد خاطر بلاجواز ڪنهن شريف شهري توڙي ڪنهن ايماندار عملدار کي تنگ ڪري ان کي پريشان ڪرڻ سميت ان جي ڪردار ڪشي ڪري ان جي ساک کي ڪو نقصان نه پهچائي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 06

026ع جي نئين بيچ جي شاگردن شاگردياڻين مختلف مسئلن بابت شڪايتون ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. شاگردن جو چوڻ آهي ته نئين بيچ جو ماهوار وظيفو اجا تائين شروع ناهي ڪيو ويو، ٻئي طرف مختلف مدن جي نالي تي شاگردن کان اضافي رقمون وصول ڪرڻ جون شڪايتون پڻ سامهون آيون آهن. شاگردن موجب استادن جي پگهارن جي نالي تي 300 رپيا، ڪوئيز ٽيسٽ لاءِ 200 رپيا، نمائش (Exhibition)جي نالي تي 250 رپيا، سڃاڻپ ڪارڊ (ID Card)لاءِ 600 رپيا، جڏهن ته PNMCرجسٽريشن جي مد ۾ 8 هزار رپيا وصول ڪيا پيا وڃن. شاگردن وڌيڪ ٻڌايو ته عملي مشق (Practical)لاءِ ضروري اسڪيليٽن موجود نه هجڻ سبب ان جي خريداري لاءِ پڻ شاگردن کان رقم جمع ڪرائڻ لاءِ چيو پيو وڃي. شاگردن موجب نرسنگ ڪاليج ۾ ڪلاس رومن جي صورتحال پڻ اطمينان بخش ناهي، جڏهن ته صاف پيئڻ جي پاڻي، صفائي سترائي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب ڪين سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. لڳ ڀڳ 100 شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ مناسب تعداد ۾ صاف ۽ فعال واش رومز جي سهولت فراهم ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو آهي. شاگردن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن مختلف مدن ۾ فيس يا ٻيون رقمون وصول ڪيون پيون وڃن ته ان بابت باقاعده سرڪاري نوٽيفڪيشن، منظور ٿيل فيس اسٽرڪچر ۽ خرچن جا مڪمل تفصيل شاگردن آڏو واضح ڪيا وڃن. ساڳئي طرح نرسنگ ڪاليج لاءِ مختص سرڪاري بجيٽ ۽ ان جي استعمال جا تفصيل پڻ شفاف طريقي سان سامهون آندا وڃن. شاگردن سوال اٿاريو آهي ته جيڪڏهن سرڪاري بجيٽ ۾ استادن جي پگهارن، عملي مشق جي سامان ۽ بنيادي سهولتن جا خرچ شامل آهن ته پوءِ انهن ئي مدن جي نالي تي شاگردن کان اضافي رقم وصول ڪرڻ جي ضرورت ڇو پيش اچي رهي آهي؟ خاص طور تي انگريزي مضمون جي استاد جي پگهار جي نالي تي وصول ٿيندڙ 300 رپين بابت پڻ شاگردن مطالبو ڪيو آهي ته واضح ڪيو وڃي ته اها رقم ڪنهن باقاعده سرڪاري اجازت يا نوٽيفڪيشن تحت وصول ڪئي پئي وڃي يا نه. شاگردن ۽ شاگردياڻين صحت کاتي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته انهن شڪايتن جو غيرجانبدارانو ۽ شفاف جائزو ورتو وڃي، شاگردن کان وصول ڪيل سمورين رقمين، سرڪاري بجيٽ ۽ ان جي خرچن جو مڪمل رڪارڊ سامهون آندو وڃي ۽ نرسنگ ڪاليج ۾ بنيادي سهولتن جي فوري فراهمي يقيني بڻائي وڃي. شاگردن جو چوڻ آهي ته نرسنگ جي تعليم حاصل ڪندڙ نوجوان ملڪ جي مستقبل جي طبي شعبي جو اهم حصو آهن، تنهن ڪري ڪين بهتر تعليمي ماحول، شفاف نظام ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي

بقايا عوامي سوچ 07

لڪين روپين ماهوار بجيٽ هجڻ باوجود اسانجي علائقي ۾ ڪوبه ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو جنهن خلاف دانهون ڪرڻ تي يوسي چيئرمين لونگ خان جوکيو مون تي ڏمرجي مونکي پنهنجي آفيس ۾ تشدد جو نشانو بڻائي منهنجي تذليل ڪئي آهي، جيڪو عمل هرگز برداشت نه ڪيو ويندو. الطاف ملاح چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ مذڪور چيئرمين جي پاءُ مؤن کي خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ جون پڻ ڌمڪيون ڏنيون هيون، جنهن جا مون وٽ ثبوت پڻ موجود آهن، جنهن بعد مؤن پوليس پوسٽ گجو تي اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي، پر مون سان انصاف ٿي ناهي سگهيو. هن گهر ڪئي ته ساڻس انصاف ڪري ساڻس ناانصافي ڪري مٿس تشدد ڪري تذليل ڪندڙ يوسي چيئرمين گجو خلاف ڪاروائي ڪري سندس علائقي ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪري ترقياتي ڪمن جو جار وڃائي ايندڙ ماهوار بجيٽ جي جانچ پڙتال ڪرائي هڙپ ٿيندڙ بجيٽ جي جانچ ڪرائي بجيٽ کي صحيح نموني استعمال ڪري بجيٽ کي بي فضولي خرچ ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري يوسي گجو جي عوام کي سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن، جيڪو سندن بنيادي حق آهي.

بقايا عوامي سوچ 08

تحريڪ تنڊوباگو پاران سي اين جي پمپ تان عوامي سجاڳي ريلي ڪڍي پريس ڪلب چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو جتي عوامي تحريڪ ضلعي بدين جي صدر مهراڻ درس،سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ پره هاليپوٽو بيگم زئور وڪيل محبت هاليپوٽو وڪيل فاضل زئور مختيار بڪاري جيون ڪمار سچل هاليپوٽو پرشوتم ڪولهي ستو ڪولهي سريش ڀيل ۽ ٻين سنڌ جي ورهاڱي جي سازش، سنڌو درياهه

تي ڏاڙي، جلالپور سميت نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعمير ۽ زمينن تي قبضي خلاف تنڊوباگو شهر ۾ عوامي سجاڳي مهم جي ريلي ڪڍي سجاڳي مهم جا هينڊ بل دڪاندارن ريڙهن ۽ هوٽلن تي وينل ماڻهن کي ڏنا ۽ چيو ته هن سجاڳيءَ جي سڏ کي پنهنجي ڳوٺن ۽ گهرن تائين عام ڪريو ته جيئن سنڌ کي ايندڙ وڏين مصيبتن کان بچائي سگهون.

بقايا عوامي سوچ 09

جي وڪيل برادري پاران عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. وڪيلن جي عدالتي بائيڪاٽ سبب سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ، سيشن ڪورٽ سميت ٻين عدالتن ۾ ڪيسن جي ٻڌڻي متاثر رهي، عدالتي ڪارروائي جي بائيڪاٽ کانپوءِ وڪيل اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن دوران وڪيلن سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جي تجويز خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن چيو ته سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو، سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو، هنن چيو ته عوام جي مرضي ۽ راءِ ڪانسواءِ ڪو به نئون صوبو ناهڻ جي ڪوشش ناقابل قبول آهي، وڪيلن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف آئيني ۽ قانوني جدوجهد جاري رکي ويندي ۽ سنڌ جي وحدت جي تحفظ لاءِ هر آئيني ۽ قانوني فورم تي آواز بلند ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 10

منشيات فروشن اڳيان بيوس بڻيل آهن ۽ بندش جي آڙ ۾ اها سفينا سڳوري بليڪ ۾ ڀيڻ تي وڪرو ڪئي پئي وڃي ذريعن کان اهو به معلوم ٿيو آهي ته ڪي خاص واپاري سڳورا اندروني طور تي اهو ڪاروبار سري عام ڪري رهيا آهن جن کي بااثر ذرين جي اندروني حمايت به حاصل آهي, جنهن جي ڪري غريب ۽ نوجوان طبقو هن نشي جي ڪري تباه ۽ برباد ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ حڪومت جي سخت مخالفت باوجود به ضلع ٿرپارڪر ۾ ان خلاف ڪوبه روڪ ٽوڪ نظر نٿي اچي ٿر جي ساجاهوند حلقن اهڙي صورتحال تي افسوس جو اظهار ڪندي اهڙي منشيات فروشي خلاف سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 11

جا الزام هنيا آهن، غلام شبير چوهان الزام لڳائيندي چيو ته قادر آباد ڪالوني جي هڪ هوٽل تي ظفر چوهان پاران مبينا طور ڀتو طلب ڪيو ويو جنهن کان انڪار ڪرڻ تي ٻنهي ذرين وچ ۾ منهن ماري ۽ جهيڙو ٿي پيو. سندس چوڻ هو ته مبينا ڀتو نه ڏيڻ تي ظفر چوهان پاران ڪيس جان سان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن. شبير چوهان موجب جهيڙي کانپوءِ ظفر چوهان کي پوليس حوالي ڪيو ويو. هن ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين ۽ سندن گهرڀاتين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، پوليس جو موقف: ٻئي طرف ايئرپورٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او احمد علي شر ڀتا طلب ڪرڻ جي الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته شروعاتي جاچ دوران ڀتا طلب ڪرڻ جو ڪو به معاملو سامهون ناهي آيو سندس موجب موٽرسائيڪل حادثي واري معاملي تي ذرين وچ ۾ منهن ماري ٿي، جڏهن ته ٻئي ذريون هڪ ئي قوم سان تعلق رکن ٿيون، ايس ايڇ او احمد علي شر موجب ٻنهي ذرين وچ ۾ سال 2022 ع کان ذاتي رنجش هلندڙ آهي، جڏهن ته شروعاتي جاچ ۾ ڀتا طلب ڪرڻ جي تصديق ناهي ٿي. پوليس موجب گرفتار شخص زخمي هو جنهن جو ميڊيڪل ڪرايو ويو آهي، ميڊيڪل رپورٽ اچڻ کانپوءِ قانون موجب وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 12

واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا. گرفتار جوابدار وٽان هٿ آيل منشيات 900 پڙيون سفينا گٽڪا ۽ 170 ڪلو خشڪ سپاري ۽ هڪ مهراڻ ڪار نمبر 428 هٿ ڪري مٿس ايف آءِ آر U/S 5.8i 137/2026 GUTKA ACT PS.B.SEC.TDMداخل ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 13

ن خلاف متاثر ڌر پاران ايس ايس پي مٽياري آفيس کان مٽياري سٽي پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙن ۾ الله رکيو، قيصر خان، رئيس ڪمال خان، محب علي ۽ شاهلي خان ڊومڪي سميت ٻيا شامل هئا، احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته ڳوٺ روزي خان ڊومڪي ۾ 90 ايڪڙ زمين جي تڪرار تان ڪين مسلسل پريشان ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته سندن چوڻ موجب زمين مان 8 ايڪڙ جو ڪاتو پڻ موجود آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ڪجهه وقت پهرين زمين جي معاملي تي مشتاق ڊومڪي، جيڪو تعليم کاتي جو ملازم هو جنهن کي مبينا طور فهيم شاهه جي چوڻ تي رند برادري جي ماڻهن هٿان قتل ڪيو ويو هو, جنهن واقعي ۾ ملوث پنجن مبينا جوابدارن مان پوليس صرف هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته باقي جوابدار سرعام گهمي رهيا آهن ۽ ڪين مبينا طور موت مار ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن. هنن مبينا جوابدارن طور ممتاز رند، ساوڻ رند، چام رند، فهيم شاهه ۽ سجاد شاهه جا نالا کنيا ۽ چيو ته ڪين انهن مان جاني ۽ مالي نقصان جو خدشو آهي احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، سمورن نامزد مبينا جوابدارن کي قانون موجب گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪين ۽ سندن خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 14

ن خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران بار جي صدر ايڊووڪيٽ بادل گاهوٽي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ذيشان بشير چانڊيو ، غلام سرور خشڪ . فيصل ابڙو. انور لاشاري . عاقل ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواٽي ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪري بار اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي نعريبازي ڪئي وئي مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ وڪيل شامل هئا مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ هڪ آهي ۽ قيامت تائين هڪ رهندي سنڌ کي ڪوبه توڙي يا ٽڪرا نه ٿو ڪري سگهي جيستائين هڪ به غيرتمند سنڌي زنده آهي سنڌ جو ورهاڱو ناممڪن آهي

بقايا عوامي سوچ 15

ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته ضلعي مٽياري ۾ تعليمي نظام کي وڌيڪ اثرائتو ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي، استادن ۽ غير تدريسي عملي جي حاضري ۽ فيس رجسٽريشن (Face Registration)، بند اسڪولن جي صورتحال، اسڪول

اسپيسفڪ بجيٽ (SSB)جي شفاف استعمال ۽ شاگردن جي تعليمي معاملن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته تعليمي ادارن سان لاڳاپيل مسئلن جو بروقت ازالو ڪيو وڃي ۽ جاري منصوبن ۽ پروگرامن جي اڳيرائي جي مؤثر نگراني يقيني بڻائي وڃي. اها ڳالهه هن ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ ضلعي مٽياري ۾ تعليم جي شعبي جو جائزو وٺڻ بابت منعقد ٿيل اجلاس جي صدارت ڪندي چئي. اجلاس ۾ ضلعي ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جي مجموعي تعداد، بنيادي سهولتن کان محروم اسڪولن، مستقل طور بند اسڪولن جي صورتحال، تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جي فيس رجسٽريشن (Face Registration)۽ اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ (SSB)جي استعمال جو جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران تعليم کاتي جي نمائندن پاران مختلف تعليمي مسئلن، پرائمري ۽ سيڪنڊري شعبن جي ڪارڪردگي ۽ جاري سرگرمين بابت بريفنگ ڏني وئي. سيڪنڊري تعليم جي آفيسر پاران مختلف مسئلن ۽ ڪلسٽر اسڪول پاليسي، جڏهن ته پرائمري تعليم جي آفيسر پاران SELECTمنصوبي ۽ ٻين معاملن بابت بريفنگ پيش ڪئي وئي. ان کان علاوه اسسٽنٽ ڪمشنر پاران TROC اجلاسن، ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر لوڪل سپورٽ يونٽ (LSU)پاران لاڳاپيل سرگرمين، جڏهن ته ٻين آفيسرن پاران اسٽوڊنٽس مينيجمينٽ ماڊيول، شاگردياڻين جي وظيفن، ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ جي ماهوار اڳيرائي ۽ خانگي اسڪولن سان لاڳاپيل معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. اجلاس ۾ ضلعي ريفارم اوورسائيٽ ڪميٽي (DROC)، اسڪول کان ٻاهر ٻارن جي داخلا، درسي ڪتابن جي ورڇ ۽ ٻين لاڳاپيل تعليمي معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو. ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي ته سمورا لاڳاپيل کاتا پاڻ ۾ بهتر رابطي ذريعي تعليمي شعبي ۾ بهتري لاءِ اثرائتا قدم کڻن ۽ اجلاس ۾ بحث هيٺ آيل مسئلن جي حل لاءِ عملي اڳيرائي يقيني بڻائين. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_ IIمٽياري امجد جمالي، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبدالوهاب، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر علي، اسسٽنٽ ڪمشنر سعيدآباد منا خان سميت تعليم کاتي جا آفيسر ۽ اهلڪار ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا آفيسرن ۽ نمائندن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 16

مبتلا خبرموجب مٽياري لڳ جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي حيسڪومٽياري ايس ڊي او پاران سوين ڳوٺن جي بجلي مبينا طور بقاياجات جو جواز ڄاڻائي بجلي ڪٽڻ واري عمل خلاف علائقي واسين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته بجلي جا بل باقاعدگي سان ادا ڪندڙ صارفين کي به گڏيل سزا ڏني پئي وڃي، جنهن سبب عورتن، ٻارن، بزرگن، ڪاروباري ماڻهن ۽ شاگردن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. علائقي واسين موجب جيئنڊل ڪوٽ فيڊر سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ڳوٺن جي بجلي ڊگهي وقت تائين بند رهڻ سبب روزاني زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي، جڏهن ته پاڻي جي فراهمي، ننڍا ڪاروبار، زرعي سرگرميون ۽ ٻيا ضروري ڪم پڻ متاثر ٿي رهيا آهن. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪجهه صارف بجلي جا بل ادا نٿا ڪن ته انهن خلاف قانون ۽ ضابطن موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي، پر باقاعدگي سان بل ادا ڪندڙ سوين صارفين جي بجلي به بند ڪرڻ ڪهڙي انصاف جي اصول تحت آهي؟ سندن چوڻ آهي ته بجلي فراهم ڪندڙ اداري جي انتظامي ناڪاميءَ جو بار عام صارفين تي وجهڻ ناقابل قبول آهي. علائقي واسين وڌيڪ چيو ته بجلي بندش سبب سخت گرمي ۾ ٻار ۽ بزرگ پريشان آهن، جڏهن ته رات جي وقت سمورا ڳوٺ اونداهي ۾ ٻڏل رهن ٿا. ڊگهي بندش سبب عوام ۾ بيچيني وڌي رهي آهي بجلي بحال نه ڪئي وئي ته احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي رهواسين حيسڪو چيف، ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بل ادا ڪندڙ صارفين جي بجلي بنا دير بحال ڪرائي وڃي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته بجلي بنيادي ضرورت آهي، ان کي مبينا طور بقاياجات جي آڙ ۾ سوين ڳوٺن لاءِ بند رکڻ عوام سان زيادتي آهي; اختيارين خاموشي بدران عملي قدم کڻي عوام کي هن اذيت مان نجات ڏيارين

بقايا عوامي سوچ 17

ڌيءَ رابيل فاطمه جي شادي والدين جي رضامندي سان محمد بلال عرف روڪي شاهه سان ٿي هئي، هن الزام لڳائيندي چيو ته شادي کانپوءِ محمد بلال عرف روڪي شاهه مبينا طور پنهنجي زال رابيل فاطمه کي بناجواز مارڪٽ ڪري تشدد جو نشانو بڻائي ٿو ۽ ڪيس گهر اندر بيگناهه قيد ڪري رکيو آهي، جڏهن ته ڪيس پيڪن وڃڻ جي به اجازت نه ٿو ڏني وڃي، مسمات فرح ديبا شاهه موجب ڇهن مهينن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، پر روڪي شاهه ڪين ڌيءَ سان ملاقات ڪرڻ نه ٿو ڏئي ۽ نه ئي موبائيل فون تي ساڻس رابطو ڪري ڳالهائڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي، جنهن سبب والدين کي ڌيءَ جي صحت، سلامتي ۽ حياتي بابت سخت خدشا پيدا ٿي ويا آهن، هن ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي سکر، برادري جي معزز چڱن مڙسن ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي سندس ڌيءَ سان ملاقات ۽ رابطو ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن، جيئن والدين جي پريشاني ختم ٿي سگهي ۽ ڌيءَ جي خيريت بابت ڪين اطمينان حاصل ٿي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 18

رم هائوس تي آجياڻو ڏنو ويو. آجياڻي ۾ متحده ورڪرز فرنٽ جي صدر محسن رضا چيئرمين ارشاد حسين ' وائيس چيئرمين معشوق علي لغاري سميت متحده ورڪرز فرنٽ جي پوري قيادت شريڪ ٿي انهي موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته واٽر بورڊ جي مزدورن جي هر جائز مسئلي جن ۾ ميڊيڪل جي سهولت ' نين ڀرتين 'رٽائرڊ ملازمن جي مسئلن سميت آئوٽ اسٽيشن جا ٻيا سمورا مسئلا ترجيح بنيادن تي حل ڪرايا ويندا ' اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جلد کان جلد چارٽر آف ڊيمانڊ پيش ڪرائينداسين . هنن چيو ته مزدورن اعتماد ڪري اسان کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪيو آهي اسان سندن اميدن تي پورو لهنداسين ـ متحده ورڪر فرنٽ آئوٽ اسٽيشن جي مختلف اسٽيشن ڏابيجي، ڇليا،پيپري ،گهارو،فلٽر پلانٽ جو دورو ڪيو جتي مرڪزي اڳواڻن جو شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي آجياڻو ڏيندڙ حاجي مير حسن جوکيو ' وزير احمد جوکيو' ادريس جوکيو ' علي احمد جوکيو ۽

ٻين مهمانن کي اجرڪن ۽ لنگين جا تحفا پيش ڪيا .

بقايا عوامي سوچ 19

ال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي وڪيلن سول ڪورٽ کان بئراج روڊ تائين پيادل مارچ ڪيو ۽ نون صوبن جي قيام خلاف سخت نعريبازي ڪندي سنڌ جي وحدت،سالميت ۽ تاريخي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو احتجاجي پيادل مارچ جي اڳواڻي بار ايسوسيئيشن روهڙي جي صدر غلام نبي چيڌڙ،جنرل سيڪريٽري جيئي ڪمار،ڊسٽرڪٽ بار ڪائونسل سکر جي اڳوٽي جنرل سيڪريٽري الاهي بخش ميتلو ۽ ڊسٽرڪٽ بار سکر جي اڳوٽي جنرل سيڪريٽري سندرخان چاچڙ ڪئي احتجاج ۾ شريڪ سمورن وڪيلن متحد ٿي پيادل مارچ ڪيو ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف ڀرپور آواز بلند ڪيو ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن چيو ته سنڌ رڳو هڪ جاگرافيائي خطو نه پر هزارين سالن تي پکڙيل تاريخ، تهذيب،ثقافت ۽ سڃاڻپ رکندڙ ڌرتي آهي سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نه ٿو ڪري سگهجي ۽ نون صوبن جي نالي تي سنڌ کي ورهائڻ جي ڪا به ڪوشش قبول نه ڪئي ويندي هنن چيو ته وڪيل برادري هميشه آئين،قانون ۽ جمهوري اصولن جي بالادستي لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي سنڌ جي وحدت جو تحفظ پڻ اسان جو آئيني،جمهوري ۽ قومي فرض آهي سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙن کي عوام جي جذبن ۽ تاريخي حقيقتن جو احترام ڪرڻو پوندو سنڌ جي ڌرتي صدين کان پنهنجي منفرد سڃاڻپ ۽ وحدت سان قائم آهي ان کي سياسي مفادن جي بنياد تي ورهائي نه ٿو سگهجي جيڪڏهن سنڌ جي وحدت کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته وڪيل برادري هر قانوني ۽ جمهوري فورم تي ڀرپور آواز اٿاريندي وڪيل اڳواڻن واضح ڪيو ته سنڌ جي وحدت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ ان حوالي سان وڪيل برادري هر آئيني ۽ قانوني فورم تي پنهنجو مؤثر ڪردار ادا ڪندي

بقايا عوامي سوچ 20

ب ميدان ۾ اچي وئي آهي شهر ۾ نئين مقرر ٿيل اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي غروت الوٿقي شهر جي مختلف اهم ۽ مصروف علائقن جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ۽ واپارين کي سرڪاري حدن اندر رهڻ سان گڏ دڪانن اڳيان قائم ڪيل سمورا غيرقانوني اڏاوتي ڍانچا ۽ تجاوز ختم ڪرڻ جون سخت هدايتون جاري ڪيون اسسٽنٽ ڪمشنر غروت الوٿقي پنهنجي انتظامي ٽيم سان گڏ شاهي بازار،صرافا بازار، اسٽيشن روڊ، گرگيج محلا،لالا شهدادو چوڪ سميت شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو دوري دوران روڊن،بازارن ۽ دڪانن جي سامهون قائم ڪيل غيرقانوني ڇپرن، شيڊن،دڪن ۽ ريڙهن سبب ٽريفڪ جي رواني ۽ عام شهرين جي اچ وڃ ۾ پيدا ٿيندڙ رڪاوٽن جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر واپارين ۽ دڪاندارن کي واضح هدايتون جاري ڪندي چيو ته دڪانن جي مقرر حد کان ٻاهر سامان رکڻ،روڊن ۽ فوٽ پاٿن تي غيرقانوني اڏاوتون قائم ڪرڻ يا عوامي گذرگاهن تي قبضو ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو هن واپارين کي هدايت ڪئي ته هو مقرر مدي اندر پنهنجا غيرقانوني ڇپرا، شيڊ،دڪا ۽ ٻيون حد دخليون پاڻ ختم ڪن ٻي صورت ۾ انتظاميه پاران ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي انتظامي عملدارن موجب انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائي جي پهرين مرحلي ۾ شهرين ۽ واپارين کي آگاهي ڏني پئي وڃي ته جيئن هو رضاڪاراڻي طور تي عوامي رستن ۽ گذرگاهن تان پنهنجو سامان ۽ غيرقانوني اڏاوتون هٽائي ڇڏين انتظاميه پاران واضح ڪيو ويو ته آگاهي ۽ هدايتن باوجود مقرر مدي اندر تجاوز ختم نه ڪندڙن خلاف سرڪاري ضابطن تحت جرمانن سميت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي اسسٽنٽ ڪمشنر غروت الوٿقي جو چوڻ هو ته شهر جا روڊ رستا،بازارون ۽ عوامي گذرگاهون هر وقت ڪليل ۽ عام ماڻهن لاءِ آسان هجڻ گهرجن غيرقانوني انڪروچمينٽ نه رڳو شهر جي خوبصورتي کي متاثر ڪري ٿي پر ان سان ٽريفڪ جي رواني پيادل ماڻهن جي اچ وڃ ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ پڻ مسئلا پيدا ٿين ٿا هن وڌيڪ واضح ڪيو ته انتظاميه پاران شهر ۾ قانون ۽ ضابطن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ نگراني جو عمل جاري رکيو ويندو ۽ ڪنهن به قسم جي پچڪڙي يا غيرقانوني تجاوز تي رعايت نه ڪئي ويندي انتظاميه واپارين کي پڻ اپيل ڪئي ته هو ضابطن جي پابندي ڪندي عوامي رستن ۽ سرڪاري ملڪيتن کي پنهنجي ڪاروباري استعمال ۾ آڻڻ کان پاسو ڪن شهرين پاران انتظاميه جي ان قدم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي وئي آهي ته غيرقانوني انڪروچمينٽ خلاف جاري مهم کي مستقل بنيادن تي جاري رکيو ويندو جيئن روهڙي شهر جي اهم بازارن ۽ روڊن تان تجاوزات جو خاتمو ڪري ٽريفڪ جي رواني بهتر ۽ عام شهرين لاءِ اچ وڃ آسان بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 21

لي سيد عمران شاهه سجاد خواجا لطيف ڪٽي لياقت جماري آفتاب پنهور منظور جماري ديوان سني ڪنا جي اڳواٽي ۾ شيشن ڪورٽ جي گيٽ تي سنڌي ٽوپيون سڌي اجرڪون پاءِ احتجاج ڪيو ويو وڪيل اڳواڻن چيو ت اسان سنڌ هڪ ملڪ آهي سنڌ جي پنهنجي ثقافت آهي سٽڌ جي هڪ وڏي تهذيب ۽ تاريخ آهي جيڪا قيامت تاءين هڪ رهندي محسن نقوي سنڌ خلاف ڳالهاءِ سنڌ ۽ پاڪستان تي وار ڪيو آهي اسان محسن نقوي کي خبردار تا ڪريون ت سنڌ جي وحدانيت تي ڳالهاڻ بند ڪري ٻيءِ صورت ۾ نقوي جو سخت گهيراءُ ڪنداسين

بقايا عوامي سوچ 22

هيٺان دبجي فوت ٿي ويا فوت ٿيلن ۾ پٽار محلا پراڻو سکر جو رهواسي عجيب احمد پٽ لکمير خان پٽار رهواسي پٽار ۽ پنج نمبر ڪالوني نانگي شاهه پراڻو سکر جو رهواسي راحيل علي پٽ حنيف عباسي شامل آهن واقعي جي اطلاع تي علائقي واسين ۽ حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتين جا لاش ملبي هيٺان ٻاهر ڪڍي پوليس پاران ٻنهي فوت ٿيل مزدورن جا لاش ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيا ويا پوليس موجب ابتدائي جاچ مطابق نيوپارڊ مڇر ڪالوني ۾ اويس شيخ جي بند پيل جڳهه تعميراتي ڪم لاءِ ٺيڪيدار حوالي ٿيل هئي جتي مزدور ڪم ۾ مصروف هئا ان دوران اوچتو ڪمزور ڇت جو هڪ حصو ڪري پيو جنهن هيٺ ڪم ڪندڙ ٻئي مزدور دبجي ويا ۽ فوت ٿي ويا پوليس جو چوڻ آهي ته حادثي ۾ ڪنهن جي غفلت يا قانوني

ذميواري ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ لاڳاپيل ذرين خلاف ضابطي موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي فوتين جي وارثن جو چوڻ آهي ته ٻئي نوجوان روزاني معمول موجب صبح جو گهران مزدوري لاءِ نڪتا هئا پر ڪجهه ئي وقت کانپوءِ ڪين اطلاع مليو ته هو تعميراتي ڪم دوران پيش آيل حادثي ۾ فوت ٿي ويا آهن وارثن موجب ٻنهي نوجوانن جي اوچتي وڇوڙي سبب گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 23

ڳورن،معززين ۽ عاشقانِ رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري حضور اڪرم ﷺ سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو محفل پاڪ دوران قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ نعت رسول مقبول ﷺ پيش ڪئي وئي جنهن سان سڄو ماحول درود ۽ سلام جي صدائن سان گونجي اٿيو حضرت علامه مفتي عسجد مولانا قادري خصوصي خطاب ڪندي حضور اڪرم ﷺ جي سيرت طيبه، اخلاق،محبت،امن ۽ ڀائيچاري جي تعليمات تي تفصيلي روشني وڌي.ان موقعي تي ٻين عالمن سڳورن پڻ حضور پاڪ ﷺ جي مبارڪ زندگي ۽ امت لاءِ ڏنل پيغام بابت خطاب ڪيو ۽ عاشقانِ رسول ﷺ کي نبي ڪريم ﷺ جي سنتن تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪئي محفل جي پڄاڻي تي پياري وطن پاڪستان جي سلامتي،استحڪام،امن ۽ خوشحالي سميت ملڪ ۾ رهندڙ سمورن مسلمانن جي سلامتي، ڀلائي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 24

ڳالهائيندي چيو آهي ته سندس ڀاءُ گذريل ڏينهن رڪشي تي اسڪول جا ٻارڪڻي ويو هو جيڪو اڃا تائين واپس گهر نه پهتو آهي هن چيو ته ذوالفقار پتو جي مٽن مائٽن،دوستن ۽ ٻين هنڌن تي ڳولا ڪرڻ باوجود سندس ڪو به ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي شوڪت علي پتو موجب ذوالفقار جي گمشدگي بابت پوليس کي پڻ اطلاع ڏنو ويو آهي پر هن وقت تائين سندس ڪا خبر نه پئجي سگهي آهي ذوالفقار پتو جي اوچتي گمشدگي سبب سندس وارث سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن وارثن سکر انتظاميا،پوليس ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ذوالفقار پتوجي ڳولا لاءِ ترت قدم کڻي ڪيس بازياب ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

غلام سرور چانڊيو، سڄڻ چانڊيو ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي دادو پوليس تي سنگين الزام هنيا آهن، هنن الزام لڳايو ته دادو پوليس جهيڙو ڪرائي سندن 7 ڄڻا قتل ڪرايا آهن، جڏهن ته ديدار چانڊيو کي پوليس مخالف ڌر سان گڏجي دادو شهر اندر قتل ڪرايو سندن چوڻ هو ته ڳوٺ شيخ گلاب ۾ سندن زمينون موجود آهن، جن تي مخالف ڌر سان تعلق رکندڙ خان محمد چانڊيو وارا مبينا طور قبضو ڪرڻ چاهين ٿا، وارثن موجب هنن سردار برهان خان چانڊيو کي معاملي بابت آگاهه ڪيو جنهن ٻنهي ذرين کي زمينن واري معاملي تي منع ڪيو، پر سندن دعويٰ موجب خان محمد چانڊيو ڌر فيصلي کي نه مڃيو هنن الزام هنيو ته 30 آگسٽ تي سندن 6 نوجوان پنهنجي زمين تي ويا ته خان محمد چانڊيو، صدام، پيارو خان چانڊيو ۽ ٻين ڪين فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو پريس ڪانفرنس ڪندڙن وڌيڪ الزام لڳايو ته پوليس مبينا طور مخالف ڌر کي 4 جي ٿري رائفلون فراهم ڪيون، جن ذريعي سندن نوجوانن کي قتل ڪيو ويو جڏهن ته ديدار چانڊيو جي قتل ۾ پوليس اهلڪارن نادر پنهور ۽ عصيب چانڊيو جي ملوث هجڻ جو به الزام لڳايو، هنن چيو ته اهي سمورا الزام شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ذريعي ثابت ڪيا وڃن، هنن دعويٰ ڪئي ته پوليس مخالف ڌر جا 26 ڄڻا گرفتار ڪرڻ باوجود صرف 15 ڄڻن ۽ 3 نامعلوم ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته باقي جوابدارن کي مبينا طور آزاد ڪيو ويو ٻئي طرف مخالف ڌر جي 2 ڄڻن جي قتل ڪيس ۾ سندن ڌر جي 20 کان وڌيڪ ماڻهن جا نالا شامل ڪيا ويا آهن، جنهن کي هنن پوليس جي مبينا جانبداري قرار ڏنو غلام سرور چانڊيو ۽ سڄڻ چانڊيو چيو ته ڊي ايس پي دادو اڪبر چنا مبينا طور مخالف ڌر جي ونگار وهي رهيو آهي ۽ فيصلي جي عمل ۾ رڪاوٽون پيدا ڪري رهيو آهي، هنن خدشو ظاهر ڪيو ته جيستائين ڊي ايس پي دادو اڪبر چنا دادو ۾ موجود هوندو، تيستائين سندن ماڻهن جي جانين کي خطرو رهندو، هنن مخالف ڌر تي وڌيڪ الزام لڳايو ته خان محمد چانڊيو وارا مبينا طور قبضا خور آهن ۽ ڳوٺ شيخ گلاب تي به قبضو ڪيو ۽ ڳوٺ جي اصل رهاڪن، شيخ، پنهور، ميمڻ ذات جي ماڻهن جي زمينن تي قبضا ڪيا آهن، جڏهن ته سندن برادري صدين کان ان علائقي ۾ آباد آهي ۽ سندن زمينن تي مبينا قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پريس ڪانفرنس ڪندڙن سنڌ جي وڏي وزير، گهرو وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندن 7 ڄڻن جي قتل واري معاملي ۾ ڊي ايس پي دادو اڪبر چنا کي فوري طور هٽائي، اعليٰ پوليس آفيسرن تي مشتمل غيرجانبدار انڪوائري ڪرائي وڃي، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 26

ڪول ڊگهي عرصي کان بند پيل آهي ۽ علائقي جي سوين نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. مليل ڄاڻ موجب اسڪول جي عمارت جي ڇت جا چاپڙ ڪرڻ ۽ عمارت خطرناڪ بڻجي وڃڻ سبب تدريسي سرگرميون معطل آهن. اسڪول ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي، واش روم ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي به شديد کوٽ آهي، جڏهن ته عمارت جي مرمت نه ٿيڻ سبب والدين پنهنجي نياڻين کي اسڪول موڪلڻ کان به لنوائي رهيا آهن. علائقي واسين ۽ والدين سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هڪ طرف حڪومت نياڻين جي تعليم جي واڌاري جا دعوائون ڪري رهي آهي، پر ٻئي طرف پاتوين شهر جي هن اهم گرلز اسڪول کي سالن کان نظرانداز ڪيو ويو آهي. سندن چوڻ هو ته اسڪول بند هجڻ سبب ڪيترين ئي نياڻين جي تعليم جو سلسلو متاثر ٿي رهيو آهي ۽ سندن مستقبل داءَ تي لڳل آهي. هنن وڌيڪ چيو ته موجوده ترقي يافته دور ۾ نياڻين کي تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم رکڻ انتهائي افسوسناڪ عمل آهي، جنهن جو فوري نوٽيس وٺڻ گهرجي. علائقي واسين، سماجي اڳواڻن ۽ والدين تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين، ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي ته گورنمينٽ گرلز اسڪول ديهه 80 جي عمارت جي هنگامي بنيادن تي مرمت ڪرائي اسڪول کي ٻيهر فعال بڻايو وڃي ۽ پيئڻ جي پاڻي، واش روم سميت سموريون بنيادي سهولتون فراهم ڪري نياڻين جي تعليم کي بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 27

ي ميرپورخاص جي فوڊ انسپيڪٽر شفيق احمد ميرپورخاص پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو آهي ته سال 2010 واري ٻوڏن دوران اسان قنبرشهدادڪوٽ مان لڏي ميرپورخاص ضلع ۾ آباد ٿياسين مون پنهنجو قنبرشهداد ڪوٽ ضلعي وارو ڊوميسائيل ڪينسل ڪرائڻ لاءِ لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۾ درخواست جمع ڪرائي جنهن جي رسيد مون وٽ جمع آهي ۽ ان رسيد جي بنياد تي مون ميرپورخاص ضلع ۾ پنهنجو ڊوميسائل ٺهرايو جنهن بعد سال 2013 ۾ مون کي خوراڪ کاتي ميرپورخاص ۾ نوڪري ملي جنهن تي آءُ هن وقت تائين ڪم ڪري رهيو آهيا پر اوچتو ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص جي آفيس وارن منهنجي خلاف آيل سنڌڙي جي رهواسي خادم حسين جي درخواست تي منهنجو ڊوميسائل ۽ پي آر سي ڪينسل ڪري ڇڏيو آهي جنهن سان منهنجي نوڪري وڃڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي هن چيو ته ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص جي آفيس پاران منهنجو ڊوميسائل ۽ پي آر سي رد ڪرڻ جو سبب منهنجو قنبرشهداد جو ڊوميسائل نهيل هجڻ جو ڄاڻايو ويو آهي جنهن کي آءُ اڳ ئي ڪينسل ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏئي چڪو هئس ۽ ان جي بنياد تي منهنجو ميرپورخاص ضلع جو ڊوميسائل ۽ پي آر سي ناهيو ويو جيڪڏهن مون وٽ اڳ ئي قنبر شهدادڪوٽ ضلع جو ڊوميسائل موجود هو ته 2013 ۾ مون کي ڪهڙي آڌار تي ڊوميسائل جاهي ڏنو ويو هن چيو ته خوراڪ کاتي ميرپورخاص ۾ مون سان گڏ قنبرشهدادڪوٽ،لاڙڪاڻي ۽ ٻين ضلعن جا سلطان ڪوسو عرفان ڪاوڙ ظهري مگسي، امان الله، برڪت، نسيم ۽ بلاول مير جت سميت 17 ڪن ماڻهون بطور سپروائزر ۽ ٻين پوسٽن تي آرڊر جاري ڪيا ويا جن جا اڳوڻا ڊوميسائل پڻ ٻين ضلعن جا هئا جن بعد ۾ ميرپورخاص مان حاصل ڪري نوڪريون حاصل ڪيون. هن چيو ته منهنجو منهنجو ڀاءُ اڳوڻي ڊي ايف سي ميرپورخاص سرفراز جنهن مون کي نوڪري جو آرڊر ڏنو هوان سان جائيداد جي حصي تي تڪرار هلندڙ آهي جنهن مون کي منهنجي حصي جي زمين سنڌس نالي تي منتقل ڪرڻ لاءِ زور ڀريو انڪار ڪرڻ تي هن سنڌڙي واسي خادم حسين ذريعي مون کي بليڪ ميل ڪرايو ۽ مجبور ڪيو ته زمين ڪيس لکي ڏيا انڪار ڪرڻ تي خادم حسين منهنجي خلاف 02 ڊوميسائل رکڻ جي درخواست ڏني جنهن بعد هن مون کان 05 لک روپيا طلب ڪيا ته 05 لک ڏي ته درخواست تان هٿ کڻان پر مون انڪار ڪيو. هن چيو ته جيڪڏهن منهنجو اڳ ڊوميسائل قنبرشهداد ڪوٽ جو نهيل آهي جنهن کي ڪينسل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏئي ميرپورخاص ضلع جو ڊوميسائل ۽ پي آر سي حاصل ڪري نوڪري حاصل ڪئي آهي ته ساڳي طرح مٿي ڄاڻايل ملازمن جا ڊوميسائل به ميرپورخاص مان بعد ۾ حاصل ڪيا ويا انهن خلاف ڪاروائي ڇو نه پئي ڪئي وڃي صرف مون کي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي. هن مطالبو ڪيو ته سندس ڪينسل ڪيل ميرپورخاص جو ڊوميسائل بحال ڪري نوڪري کي بچايو وڃي بيبصورت ۾ ڊوميسائل ڪينسل ڪرڻ خلاف عدالت کان رجوع ڪندس.

بقايا عوامي سوچ 28

جڏهن ته هاءِ ڪورٽ بار جي صدر شوڪت راهمون، جنرل سيڪريٽري وڪيل ڪانجي مل ميگهواڙ، ڊسٽرڪٽ بار جي صدر ايڊووڪيٽ قلندر بخش لغاري ۽ جنرل سيڪريٽري ابوالحسن نونڊاڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ بار ۽ ڊسٽرڪٽ بار جي جنرل باڊي جو اجلاس منعقد ڪيو ويو. جنرل باڊي جي اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته اڄ پوري سنڌ ۾ سنڌ جي ورهاڱي ۽ الڳ صوبي جي ڳالهه خلاف احتجاج جاري آهي. سنڌ بار ڪائونسل سميت سنڌ جي سمورين ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشنز جا وڪيل پڻ هڪ آواز ٿي هن احتجاج ۾ شريڪ آهن چو ته سنڌ اسان جي سڃاڻپ، تاريخ ۽ وجود آهي. سنڌ کي ڪنهن به صورت ۾ ورهائڻ يا الڳ صوبي جي ڳالهه اسان کي هرگز قبول ناهي، سنڌ جي وحدت خلاف سازشون ڪندڙن کي واضح پيغام آهي ته:سنڌ هڪ هئي، سنڌ هڪ آهي ۽ سنڌ هڪ رهندي الڳ صوبي جي ڳالهه ڪندڙ ياد رکن سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندا ته ميدان ۾ جواب ملندو. هنن چيو ته سنڌ صدين کان هڪ وطن رهيو آهي ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي 1940 ع جي قرارداد به اها ڳالهه واضح ڪري ٿي ته سنڌ هڪ آزاد رياست جي حيثيت ۾ پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ قرارداد پاس ڪئي ۽ ان ملڪ جي حصو ٿي. هنن چيو ته ڪجهه ڌريون هاڻ سنڌ جي ساموندي پٽي ۽ معدني وسيلن کي ڦٻائڻ سان گڏوگڏ سنڌ اندر لساني نفرت پکيڙڻ لاءِ نون صوبن ۽ بااختيار انتظامي يونٽ ناهڻ جا شوشا ڇڏي رهيا آهن، جيڪا ڳالهه ملڪ جي مفادن وٽان هرگز ناهي. هنن چيو ته سنڌ اسان جو وطن ۽ اسان جي ماءُ آهي، ان جي ورهاست کي هرگز قبول نه ڪيو ويندو. جنرل باڊي ۾ سنڌ ورهائڻ جي سازش سنڌ دشمني قرار ڏيندي سنڌ جي ورهاڱي جي سازش خلاف وڪيلن پاران سخت ردعمل ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 29

، هو پاڻ ڪورٽ ۾ پيش نه ٿيو ۽ نه وري پنهنجو ڪو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ به جمع ڪرايائين. ڪورٽ ۾ ٻنهي پاسن جا وڪيل پيش ٿيا. عابد حسين چانڊيو جي وڪيل ذيشان راڄپر عدالت کي ٻڌايو ته سمورو ڪيس پوليس جي ونگار ۽ اثر رسوخ تي ٻڌل آهي. 30 منٽ اندر عجلت ۾ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي. ٻي پاسي فتاح شيخ جي وڪيلن پنهنجي حساب سان دليل ڏيندي عابد چانڊيو جي رمانڊ جو مطالبو ڪيو. ٻنهي ذرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ ڪورٽ عابد چانڊيو کي هڪ ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي بوٽ بيسن پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. عدالت ٻاهران اهم بيان رمانڊ کان پوءِ ڊپٽي ڊائريڪٽر عابد حسين چانڊيو ۽ سندس وڪيل ذيشان راڄپر ميڊيا سان

بقايا عوامي سوچ 30

جي اڳواڻي ۾ "سيرتِ نبي ﷺ ڪانفرنس" جون تياريون آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويون آهن. ڪانفرنس جو باقاعده آغاز ڪجهه دير بعد نماز عشاءَ ڪانپوءِ جناح هال، ميونسپل ڪارپوريشن پارڪنگ ايريا ۾ ڪيو ويندو ، محفلِ ميلادِ مصطفيٰ ﷺ جي پُرنور ساعتن کي يادگار بڻائڻ لاءِ منعقد ٿيندڙ هن بابرڪت ڪانفرنس ۾ ميرپورخاص شهر جا عالمِ دين، نعت خوان ۽ عاشقانِ رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. ان مَوقعي تي سمورن عاشقانِ رسول ﷺ کي ڪانفرنس ۾ ڀرپور شرڪت جي پُرخلوص دعوت ڏني وئي آهي. منتظمين جو چوڻ آهي ته ڪانفرنس جو بنيادي مقصد محبوبِ خدا، رحمتِ عالم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سيرتِ طيبه، محبت ۽ تعليمات کي عام ڪرڻ سان گڏ نوجوان نسل ۾ سيرتِ مصطفيٰ ﷺ بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي. ميرپورخاص مان سڏا منظر اوهان کي ڏيکاري رهيا آهيون

بقايا عوامي سوچ 31

ي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي، جتي اسپتال انتظاميا جي مدعيت ۾ مقامي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ته ٻئي پاسي مقامي ماڻهن ۽ متاثرين طرفان پڻ واقعي بابت پنهنجو موقف سامهون آڻيندي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي. پوليس ٿاڻي تي داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ اسپتال جي عملي جي مدعيت ۾ 12 کان وڌيڪ نامعلوم جوابدارن کي نامزد ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ الزام لڳايو ويو آهي ته علاج دوران تبت ۽ هتچئي بعد جوابدارن اسپتال ۾ داخل ٿي ڀڃ ڊاهه ڪئي، سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچايو ۽ ڊيوٽي تي موجود عملي تي تشدد ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ هيلٿ کاتي جي هدايتن تي قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي آهي، جڏهن ته هن واقعي خلاجو بائيڪاٽ ڪري احتجاج پڻ رڪارڊ ڪرايو ويو آهي. هوڏانهن، ان سڄي صورتحال جي ابتڙ مقامي ماڻهن ۽ متاثرين پنهنجن بيانن ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته واقعي وقت گهڻا ماڻهو اتي موجود ئي نه هئا ۽ واقعي جي آڙ ۾ ڪين بي بنياد طور نشانو بنايو پيو وڃي، سندن دعويٰ آهي ته واقعي کانپوءِ گهرن ۾ گهسجي عورتن ۽ ٻارن کي پريشان ڪيو ويو ۽ سامان کي نقصان پهچايو ويو. جنهن جي ڪري مقامي ماڻهن اعليٰ اختيارين کان پرامن طريقي سان هڪ طرفي جاچ ختم ڪري شفاف انڪوائري ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي ته جيئن حقيقتون واضح ٿي سگهن ۽ ڪنهن به بيگناهه سان ناانصافي نه ٿئي، جڏهن ته سماجي ۽ عوامي حلقن جو چوڻ آهي ته صحت جي مرڪزن تي اهڙا واقعا افسوسناڪ آهن، پر قانون کي پنهنجو غيرجانبدار رستو اختيار ڪرڻ گهرجي ته جيئن حقيقي ذميوار سامهون اچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 32

5 جوابدار گرفتار، پوليس موجب ڪارروائين دوران 170 ڪلو خام سپاري، 7550 پڙيون ممنوعه گٽڪو 630 گرام چرس ۽ 20 ليٽر شراب هٿ ڪئي وئي. بي سيڪشن پوليس مشڪوڪ ڪار جي تلاشي دوران 17 بيگز مان 170 ڪلو خام سپاري ۽ 900 پڙيون گٽڪو هٿ ڪري نياز حسين خاصخيلي کي گرفتار ڪيو جڏهن ته بي ڪارروائي ۾ محمد شاهد قريشي کان 220 پڙيون گٽڪو هٿ ڪيو ويو. سنجهورو پوليس عبدالمنان ۽ شاهه فيصل پناڻ کي گرفتار ڪري 1540 پڙيون گٽڪو ۽ ترسيل ۾ استعمال ٿيندڙ ٿنا رڪشا تحويل ۾ ورتو شهدادپور پوليس نوشڪي واسي مبينا بين الصوبائي گٽڪا ڊيلرن حق نواز شاهه ۽ حبيب الله وڙيچ کي گرفتار ڪري ساٿين سميت 3000 پڙيون گٽڪو هٿ ڪيو جڏهن ته پوليس موجب ترسيل لاءِ استعمال ٿيندڙ آلٽو ڪار پڻ هٿ ڪئي وئي، جيڪا ڪراچي جي ڳڌاپ ٿاڻي جي ڪيس ۾ ڇنيل هئي. سانگهڙ پوليس چرس جي مبينا ڊيلر دوست علي جمالي کي گرفتار ڪري 630 گرام چرس ۽ محمد سعيد ملڪ کان 300 پڙيون گٽڪو هٿ ڪيو. سرهاڙي پوليس عرفان علي بروهي کان 20 ليٽر شراب ۽ شاهپورچاڪر پوليس محمد اسلم وسان کان 550 پڙيون گٽڪو هٿ ڪيو. هوڏانهن ڪپرو پوليس به مشڪوڪ موٽرسائيڪلون سيڪشن 550 تحت تحويل ۾ وٺي چالان ڪري ڇڏيون، جڏهن ته پيرومل پوليس ڪيس ۾ گهربل جوابدار غلام شبير خاصخيلي کي پڻ گرفتار ڪري ورتو پوليس ترجمان موجب منشيات ۽ گٽڪا مافيا خلاف ڪارروائين جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 33

ڪيو ويو وڪيل اڳواڻن سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر مير احمد مگريو ايڊووڪيٽ حيدر انڙ ، رفيق ڪوسو، فهيم انڙ، واجد علي خاصخيلي، رمضان پنهور، ايڊووڪيٽ اعجاز جتوئي، آغا ڪوثر علي رضا ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواٽي ۾ ڪيل احتجاجي مظاهري دوران اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت سنڌ جي ورهاست ڪنهن ب صورت ۾ قبول ناهي.هنن چيو ت انتظامي يونٽ هجن يا نوان صوبا، سنڌ خلاف هر سازش تي ڪينالن واري تحريڪ جيان ڀرپور تحريڪ هلائڻ جاٽون ٿا وڪيل اڳواڻن چيو ته محسن نقوي اسلام آباد ۾ ويهي سنڌ جي وحدانيت خلاف ڳالهائي ٿو ڪيس چئون ٿا ته هڪ پيرو جامشورو مان اچي گذري ڏيکاري، پوءِ خبر پوندي هنن چيو ته سنڌ جا غيرتمند وڪيل پنهنجي ڌرتيءَ جي حقن لاءِ اڳين صف ۾ بيٺل هوندا. سنڌ خلاف ڳالهائڻ کان اڳ ٻيهر لوءِ کي ضرور ياد رکيو وڃي. جيڪڏهن هاڻي نڪتاسين ته ساهه جي آخري گهڙيءَ تائين جدوجهد ۽ مزاحمت جاري رکنداسين.

بقايا عوامي سوچ 34

ڪريون ٿا حق ڪرڻ گهرڻ سختيون ڪري ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون هنن چيو ت خاص ماڻهن پنهنجون پگهارون وڌايون آهن پر اسان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهن موڪل واري ڏينهن تي ب ڪم ورتو وڃي ٿو مجبورن موڪل ڪرڻ تي پيسا ڪٽيا وڃن ٿا هنن اعلي اختيارين منسٽر بلديات ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو آهي ت واڌو پگهارون فوري طور جاري ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ سخت کان سخت احتجاج ڪنداسين،

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

گورنمينٽ پرائمري گرلز اسڪول، مولا آباد لاوارث بڻيل، 142 شاگرد جهوپڙي ۾ تعليم وٺڻ تي مجبور

استاد، شاگردن ۽ شاگردياڻين ڊي اي او تعليم، ڊائريڪٽر تعليم، سيڪريٽري تعليم سنڌ، صوبائي وزير تعليم ۽ وزيراعليٰ سنڌ کان پرزور اپيل

مولا آباد جي اسڪول جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن

بهتر تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهي ۽ سندن مستقبل تعليم جي بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب متاثر ٿيڻ کان بچي سگهي

صالح پٽ (رپورٽ غلام نبي ميرجت) تعلقي صالح پٽ جي ڳوٺ مهدي آبادي، يوسي ڪبڙي پٽ ۾ قائم گورنمينٽ پرائمري گرلز اسڪول مولا آباد بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ استادن جي شديد کوٽ سبب تعليم جي حوالي سان سنگين صورت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1


گورنمينٽ پرائمري گرلز اسڪول، مولا آباد

محمد چانهيون خلاف مبينا ڪردارڪشي مهم، ڪلرڪس ايسوسيئيشن جي حمايت جو اعلان

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو شير) محمد چانهيون خلاف مبينا ڪردارڪشي مهم، ڪلر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سنڌ کي ٽوڙڻ واري ڪنهن به مبينا سازش خلاف بدين بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي احتجاج

بدين (رجب راهمون) سنڌ جي ورهاڱي، سنڌ جي وحدت کي نقصان پهچائڻ ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ واري ڪنـ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

يونين ڪائونسل هوت فقير رند 21 سيپٽمبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم بابت اهم اجلاس، بيماري جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش تي زور

جنهن جي صدارت يونين ڪائونسل مينيج آفيسر ڊاڪٽر جاويد آقبال آرائين ۽ ڊاڪٽر دلبر حسين رند جي سربراهي ۾ ڪئي وئي

مولوي صاحبان، پوليس اهلڪارن ۽ پوليو مهم ۾ حصو وٺندڙ مختلف ٽيمن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

پوليو هڪ انتهائي خطرناڪ ۽ معذوري جو سبب بڻجندڙ بيماري آهي، جنهن کان ٻارن کي محفوظ رکڻ لاءِ حڪومت سنڌ پاران مختلف حفاظتي قدم کنيا پيا وڃن

فقير رند(رپورٽ: ڪاشف علي رند) يونين ڪائونسل هوت فقير رند: اڄ درگاهه هوت فقير رند رحه تي پوليو مهم جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو. جنهن جي صدارت يونين ڪائونسل مينيج آفيسر ڊاڪٽر جاويد آقبال آرائي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

زمينن جي ڪاتن جي رجسٽري ٽوڙي ڪاتا ڪرائڻ هرڪو اچي ٿو: امجد پٽو

جن جي ڪاغذن جي مڪمل جانچ پڙتال ڪري انهن ڪاغذن جي آڌار تي سندن جائز ڪم ميرٽ جي بنيادن تي ڪيا وڃن ٿا

باقي رشوت وٺي جعلسازي ڪرڻ وارو ڪاروڪار ناهي ڪيو، جيڪي اسان مٿان اهڙا غلط ۽ بي بنياد الزام مڙهي رهيا آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سب رجسٽرار ٺٽو امجد پٽو واضح ڪندي چيو آهي ته زمينن جي ڪاتن جي رجسٽري ٽوڙي ڪاتا ڪرائڻ هرڪو اچي ٿو. جن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

مڪلي سول اسپتال جي بي ايس نرسنگ ڪاليج ۾ اضافي وصولين ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ جون شڪايتون، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

مڪلي سول اسپتال ۾ هلندڙ بي ايس نرسنگ پروگرام جي سال 2026ع جي نئين بيچ جي شاگردن شاگردياڻين مختلف مسئلن بابت شڪايتون

مختلف مدن جي نالي تي شاگردن کان اضافي رقمون وصول ڪرڻ جون شڪايتون پڻ سامهون آيون آهن

عملي مشق (Practical) لاءِ ضروري اسڪيليٽن موجود نه هجڻ سبب ان جي خريداري لاءِ پڻ شاگردن کان رقم جمع ڪرائڻ لاءِ چيو پيو وڃي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)مڪلي سول اسپتال جي بي ايس نرسنگ ڪاليج ۾ اضافي وصولين ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ جون شڪايتون، نوٽيس وٺڻ جو مطالبومڪلي سول اسپتال ۾ هلندڙ بي ايس نرسنگ پروگرام جي سال 2/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

آئون وقت به وقت ڳجي شهر جي جائز مسئلن کي سوشل ميڊيا تي اجاگر ڪري انهن جي نشاندهي ڪندو رهندو آهيان: الطاف ملاح

ان ڪانسواءِ يوسي چيئرمين جي لکين روپين ماهوار بجيٽ هجڻ باوجود اسانجي علائقي ۾ ڪو به ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو

جنهن خلاف دانهون ڪرڻ تي يوسي چيئرمين لونگ خان جوکيو مون تي ڏمرجي مونکي پنهنجي آفيس ۾ تشدد جو نشانو بڻائي منهنجي تذليل ڪئي آهي

ڪجهه ڏينهن اڳ مذڪور چيئرمين جي پاءُ مون کي خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ جون پڻ ڌمڪيون ڏنيون هيون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڳجو جي رهواسي الطاف ملاح صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته آئون وقت به وقت ڳجي شهر جي جائز مسئلن کي سوشل ميڊيا تي اجاگر ڪري انهن جي نشاندهي ڪندو رهندو آهيان. ان ڪانسواءِ يوسي چيئرمين جي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

عوامي تحريڪ ٽنڊوباگو پاران سي اين جي پمپ تان عوامي سجاڳي ريلي ڪڍي پريس ڪلب چوڪ تي ڌرڻو

ٽنڊوباگو(رجب راهمڻ) عوامي تحريڪ پاران اعلانيل عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ عوامي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ نون صوبن جي تجويز خلاف وڪيلن جو عدالتي بائيڪاٽ، احتجاجي مظاهرو

سکر(بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ نون صوبن جي تجويز خلاف سکر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

سمورن شهرن ۽ ڳوٺن جي علائقن ۾ غير قانوني طور تي سفينا گٽڪو پڙي سري عام ڪنهن خاص آشيرواد سان وڪرو

سرڪاري قانوني ادارا خبر ناهي ڇو انهن گمنام منشيات فروشن اڳيان بيوس بڻيل آهن

بندش جي آڙ ۾ اها سفينا سڳوري بليڪ ۾ ٻيڻ ٽي وڪرو ڪئي پئي وڃي ذريعن کان اهو به معلوم

ڪي خاص واپاري سڳورا اندروني طور تي اهو ڪاروبار سري عام ڪري رهيا آهن جن کي بااثر ترين جي اندروني حمايت به حاصل آهي

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) مٺي سميت ضلع ٿرپارڪر جي سمورن شهرن ۽ ڳوٺن جي علائقن ۾ غير قانوني طور تي سفينا گٽڪو پڙي سري عام ڪنهن خاص آشيرواد سان وڪرو ٿي رهي آهي پر سرڪاري قانوني ادارا خبر ناهي ڇو انهن گمنام/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

مبينا ڀتا طلب ڪرڻ خلاف ڪاروباري ماڻهن جي سکر نيشنل پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس، پوليس الزام رد ڪري ڇڏيا

قادر آباد ڪالوني جي هڪ هوٽل تي ظفر چوهان پاران مبينا طور ڀتو طلب ڪيو ويو، جنهن کان انڪار ڪرڻ تي ٻنهي ڌرين وچ ۾ منهن ماري ۽ جهيڙو ٿي پيو

مبينا ڀتو نه ڏيڻ تي ظفر چوهان پاران ڪيس جان سان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين ۽ سندن گهرڀاتين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي

سکر(بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) سکر نيشنل پريس ڪلب رجسٽرڊ ۾ ڪاروباري ماڻهن غلام شبير چوهان، بشير احمد چوهان ۽ ملوڪ احمد چوهان پريس ڪانفرنس ڪندي ظفر چوهان تي مبينا طور ڀتو طلب ڪرڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ٽي ڊي ايم اهلڪارن سميت هڪ جوابدار نيازحسين خاصخيلي کي منشيات سميت گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوآدم(رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم بي سيڪشن پوليس پاران ايس ايس پي سانگهڙ ۽ ايس ڊي پي او ٽنڊو آدم جي هدايت تي ايس ايڇ او بي سيڪشن محمد حنيف مهر ايس ايڇ او پي ايس بي ايس سي ٽي ڊي ايم اهلڪارن سميت هڪ جوابدار نيازحسين خاصخيلي کي منشيات سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن 2 جوابدار وقاص هاليپوٽو ۽ حاجي صالح ڏيرو / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

مٽياري ويجهو ڳوٺ روزي خان ڏومڪي جي ڳوٺاڻن جو مبينا قتل ۽ زمين جي تڪرار تان خلاف ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو

ايس ايس پي آفيس مٽياري کان سٽي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جوابدارن جي گرفتاري ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

سمورن نامزد مبينا جوابدارن کي قانون موجب گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪين ۽ سندن خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) مٽياري ويجهو ڳوٺ روزي خان ڏومڪي جي ڳوٺاڻن جو مبينا قتل ۽ زمين جي تڪرار تان. ايس ايس پي آفيس مٽياري کان سٽي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جوابدارن جي گرفتاري ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو خبر موجب. مٽياري ويجهو ڳوٺ روزي خان ڏومڪي ۾ زمين جي تڪرار ۽ مبينا ڏمڪي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

مٽياري ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران ڪم بند ڪري سنڌ جي ورهاڱي جي سازش خلاف احتجاج نعريبازي

ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪري بار اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي نعريبازي ڪئي وئي

مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ وڪيل شامل هئا مظاهري کي خطاب

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) مٽياري ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران ڪم بند ڪري سنڌ جي ورهاڱي جي سازشن خلاف احتجاج نعريبازي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن مٽياري جي وڪيلن پاران سنڌ جي ورهاڱي جي سازش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ڪنڌرا ناڪا مولامحب شاهه جو رهواسي رڪشا ڊرائيور ذوالفقار پٽو جي پاءُ شوڪت علي پٽو جو احتجاج

پاءُ گذريل ڏينهن رڪشي تي اسڪول جا ٻارڪٽي ويو هو جيڪو اڃا تائين واپس گهر نه پهتو آهي

ذوالفقار پٽو جي مٽن مائٽن، دوستن ۽ ٻين هنڌن تي ڳولا ڪرڻ باوجود سندس ڪو به ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي

روهڙي(رپورٽر) روهڙي جي علائقي ڪنڌرا ناڪا مولامحب شاهه جو رهواسي رڪشا ڊرائيور ذوالفقار پٽو جي پاءُ شوڪت علي پٽو صحافين سان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

روهڙي جي شمع مسجد ۾ جشن عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ هڪ روحاني ۽ بابرڪت محفل پاڪ

روهڙي جي شمع مسجد ۾ جشن عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ هڪ روحاني ۽ بابرڪت محفل

حضور اڪرم صه سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو

روهڙي(رپورٽر) روهڙي جي شمع مسجد ۾ جشن عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ هڪ روحاني ۽ بابرڪت محفل پاڪ تي گذري جنهن ۾ عالمن س/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ميرڪالوني ۾ تعميراتي ڪم دوران ڪمزور ڇت اوچتو ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ ٻه پورهيت ملبي هيٺان دٻجي فوت

علائقي واسين ۽ حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتين جا لاش ملبي هيٺان ٻاهر ڪڍيا

پوليس پاران ٻنهي فوت ٿيل مزدورن جا لاش ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيا ويا

روهڙي(رپورٽر) روهڙي جي علائقي نيويارڊ ميرڪالوني ۾ تعميراتي ڪم دوران ڪمزور ڇت اوچتو ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ ٻه پورهيت ملبي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سنڌ جي وحدت تي وار ڪرڻ سنڌ جي ورهاڱي خلاف سجاول ڊسٽرڪٽ ايسوسيشن جي سڏ تي احتجاج

جيڪا قيامت تائين هڪ رهندي محسن نقوي سنڌ خلاف ڳالهائي سنڌ ۽ پاڪستان تي وار ڪيو آهي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)سنڌ جي وحدت تي وار ڪرڻ سنڌ جي ورهاڱي خلاف سجاول ڊسٽرڪٽ ايسوسيشن جي سڏ بار جي صدر قادر خاصخي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

غيرقانوني انڪروچمينٽ ۽ دڪانن آڏو قائم ڪيل ڇپرا، شيڊ، دڪا ۽ ريڙهن خلاف انتظاميه ميدان ۾ اچي وئي

شهر ۾ نئين مقرر ٿيل اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي غروت الوثقي شهر جي مختلف اهم ۽ مصروف علائقن جو دورو

دڪانن اڳيان قائم ڪيل سمورا غيرقانوني اڏاوتي ڍانچا ۽ تجاوز ختم ڪرڻ جون سخت هدايتون جاري

روهڙي(رپورٽ جمال ڪٽپر) روهڙي شهر ۾ وڌندڙ غيرقانوني انڪروچمينٽ ۽ دڪانن آڏو قائم ڪيل ڇپرا، شيڊ، دڪا ۽ ريڙهن خلاف انتظام/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي نون صوبن جي قيام خلاف روهڙي ۾ تعلقه بار ايسوسيئيشن پاران احتجاج

وڪيلن سول ڪورٽ کان ٻٽراج روڊ تائين پيادل مارچ ڪيو ۽ نون صوبن جي قيام خلاف سخت نعريبازي

سنڌ جي وحدت، سالميت ۽ تاريخي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر)سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي نون صوبن جي قيام خلاف روهڙي ۾ تعلقه بار ايسوسيئيشن پاران گذريل ڏينهن ڪم ڇڏهڙتا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ يونين متحده ورڪرز فرنٽ جي مان ۾ ڳجي شهر لڳ هڪ فارم هائوس تي آجياڻو

وائيس چيئرمين معشوق علي لغاري سميت متحده ورڪرز فرنٽ جي پوري قيادت شريڪ

'رٽائرڊ ملازمن جي مسئلن سميت آئوٽ اسٽيشن جا ٻيا سمورا مسئلا ترجيح بنيادن تي حل ڪرايا ويندا

گهارو (رپورٽر)واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ڪراچي جي اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ يونين متحده ورڪرز فرنٽ جي مان ۾ ڳجي شهر لڳ هڪ ف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

روهڙي ۾ مبينا گهريلو تشدد، ماءُ جو ڌيءَ جي ملاقات لاءِ احتجاج، جاڙي خلاف ڪارروائي جو مطالبو

سندس ڌيءَ رابيل فاطمه جي شادي والدين جي رضامندي سان محمد بلال عرف روڪي شاهه سان ٿي هئي

محمد بلال عرف روڪي شاهه مبينا طور پنهنجي زال رابيل فاطمه کي بناجواز مارڪٽ ڪري تشدد جو نشانو بڻائي ٿو

سکر(بيورو رپورٽ)روهڙي واسي مسمات فرح ديبا شاهه پنهنجي ڌيءَ جي مڙس خلاف احتجاج ڪندي ميڊيا نمائندن کي دانهيندي ٻڌايو ته سندس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

واپڊا مٽياري ايس ڊي او جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي ڏمريل سوين ڳوٺن جي بجلي بند

ڏمريل سوين ڳوٺن جي بجلي بند، بل ڏيندڙ صارفين به عذاب ۾ مبتلا

اختيارين خاموشي بدران عملي قدم کڻي عوام کي هن اذيت مان نجات ڏيارين

مٽياري (رپورٽر محمد حنيف ميمڻ) واپڊا مٽياري ايس ڊي او جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي ڏمريل سوين ڳوٺن جي بجلي بند، بل ڏيندڙ صارفين به عذاب ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ضلع مٽياري ۾ تعليمي شعبي جي ڪارڪردگي ۽ مسئلن جي جائزي بابت اجلاس

جاري منصوبن ۽ پروگرامن جي اڳڀرائي جي مؤثر نگراني يقيني بڻائي وڃي

غير تدريسي عملي جي فيس رجسٽريشن (Face Registration) ۽ اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ (SSB) جي استعمال جو جائزو ورتو ويو

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ضلع مٽياري ۾ تعليمي شعبي جي ڪارڪردگي ۽ مسئلن جي جائزي بابت اجلاس تفصيل موجب ڊپٽي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

دادو ڪڇي ۾ چانڊيا برادري جو خوني تڪرار، 7 ڄڻن جي قتل جو الزام: ڊي ايس پي دادو کي هٽائي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

ڳوٺ شيخ گلاب ۾ سندن زمينون موجود آهن، جن تي مخالف ڌر سان تعلق رکندڙ خان محمد چانڊيو وارا مبينا طور قبضو ڪرڻ چاهين ٿا

هنن سردار برهان خان چانڊيو کي معاملي بابت آگاهه ڪيو، جنهن ٻنهي ڌرين کي زمينن واري معاملي تي منع ڪيو

30 آگسٽ تي سندن 6 نوجوان پنهنجي زمين تي ويا ته خان محمد چانڊيو، صدام، پيارو خان چانڊيو ۽ ٻين ڪين فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو جي ڪڇي واري علائقي جي ڳوٺ دانو چانڊيو ۽ شيخ گلاب ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار دوران مارجي ويل ڳوٺ دانو چانڊيو جي 6 نوجوانن سميت اڳ مارجي ويل ديدار چانڊيو جي وارثن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

حسين بخش مري جي ديهه 80 ۾ قائم گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار

جنهن ڪري اسڪول ڊگهي عرصي کان بند پيل آهي ۽ علائقي جي سوين نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي

اسڪول جي عمارت جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ ۽ عمارت خطرناڪ بڻجي وڃڻ سبب تدريسي سرگرميون معطل آهن

اسڪول ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي، واش روم ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي به شديد کوٽ آهي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو): تعليم کاتي جي مبينا بي ڌياني سبب تعلقي حسين بخش مري جي ديهه 80 ۾ قائم گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار بڻجي وئي آهي. جنهن ڪري اس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26



خوراڪ کاتي ميرپورخاص جي فوڊ انسپيڪٽر شفيق احمد ميرپورخاص پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس

سال 2010 واري ٻوڏن دوران اسان قنبرشهدادڪوٽ مان لڏي ميرپورخاص ضلع ۾ آباد ٿيا سين

قنبرشهدادڪوٽ ضلعي وارو ڊوميسائيل ڪينسل ڪرائڻ لاءِ لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۾ درخواست جمع ڪرائي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص پاران 13 سال اڳ نهيل ڊوميسائل پي آر سي رد ڪرڻ خلاف خوراڪ ڪات/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران عدالتن جي ڪارروائين جو بائيڪاٽ

هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران عدالتن جي ڪارروائين جو بائيڪاٽ

اڄ پوري سنڌ ۾ سنڌ جي ورهاڱي ۽ الڳ صوبي جي ڳالهه خلاف احتجاج جاري آهي

سنڌ بار ڪائونسل سميت سنڌ جي سمورين ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشنز جا وڪيل پڻ هڪ آواز ٿي هن احتجاج ۾ شريڪ آهن

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) سنڌ بار ڪائونسل پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف اعلانيل "سنڌ يونٽي ڊي" جي حوالي سان هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران عدالتن جي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عابد حسين چانڊيو کي اڄ سٽي ڪورٽ ۾ پيش

عدالت ۾ سڀ کان وڏي ڳالهه اها سامهون آئي ته جنهن ڊي جي فتاح شيخ فرياد داخل ڪرائي آهي

هو پاڻ ڪورٽ ۾ پيش نه ٿيو ۽ نه وري پنهنجو ڪو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ به جمع ڪرايائين

فتاح شيخ جي وڪيلن پنهنجي حساب سان دليل ڏيندي عابد چانڊيو جي رماند جو مطالبو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عابد حسين چانڊيو کي اڄ سٽي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو عدالت ۾ سڀ کان وڏي ڳالهه اها سامهون آئي ته جنهن ڊي جي فتاح شيخ فرياد داخل ڪرائي آهي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

عوامي ميئر عبدالرئوف غوري جي اڳواڻي ۾ "سيرت نبي صه ڪانفرنس" جون تياريون آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويون

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو)ختم نبوت چوڪ جي باني ۽ عوامي ميئر عبدالرئوفَ غوري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

روورل هيلٿ سينٽر گهارو ۾ پيش آيل واقعي خلاف قانوني ڪارروائي

گهارو (رپورٽر) روورل هيلٿ سينٽر (RHC) گهارو ۾ پيش آيل ناخوشگوار واقعي بعد علائق/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

سانگهڙ ۾ گٽڪا مافيا خلاف پوليس جو وڏو ڪريڪ ڊائون، 15 ڄڻا گرفتار

ضلعي پوليس سانگهڙ پاران گٽڪا ۽ منشيات فروشن خلاف مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ وڏي ڪارروائي، بين الصوبائي گٽڪا ڊيلرن سميت 15 جوابدار گرفتار

ڪارروائين دوران 170 ڪلو خام سپاري، 7550 پڙيون ممنوعہ گٽڪو، 630 گرام چرس ۽ 20 ليٽر شراب هٿ ڪئي وئي

پوليس ترجمان موجب منشيات ۽ گٽڪا مافيا خلاف ڪارروائين جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

سانگهڙ (رپورٽر)سانگهڙ ۾ گٽڪا مافيا خلاف پوليس جو وڏو ڪريڪ ڊائون، 15 ڄڻا گرفتار ضلعي پوليس سانگهڙ پاران گٽڪا ۽ منشيات فروشن خلاف مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ وڏي ڪارروائي. بين الصوبائي گٽڪا ڊيلرن سميت 1/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون ڪينالن خلاف سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي ڄامشورو بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي احتجاج

سنڌ خلاف هر سازش تي ڪينالن واري تحريڪ جيان ڀرپور تحريڪ هلائڻ ڄاڻون ٿا وڪيل اڳواڻ

سنڌ جا غيرتمند وڪيل پنهنجي ڌرتيءَ جي حقن لاءِ اڳين صف ۾ بيٺل هوندا. سنڌ خلاف ڳالهائڻ کان اڳ ٻيرلوءِ کي ضرور ياد رکيو وڃي

جيڪڏهن هاڻي نڪتاسين ته ساهه جي آخري گهڙيءَ تائين جدوجهد ۽ مزاحمت جاري رکنداسين

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون ڪينالن خلاف سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي ڄامشورو بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي عدالتي بائيڪاٽ ڪري سيشن ڪورٽ جي گيٽ اڳيان ڄامشورو بار جي وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي جو صفائي ڪندڙ عملي جو چيئرمين آفيس اڳيان احتجاج زوردار نعريبازي

حڪومت طرفان وڌايل پگهار ٽن مهينن کان نٿي ڏني وڃي سڄي شهر جي گندگي صاف ڪريون ٿا : مظاهرين

خاص ماڻهن پنهنجون پگهارون وڌايون آهن پر اسان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهن موڪل واري ڏينهن تي به ڪم ورتو وڃي ٿو

ڪوٽڙي (رپورٽر)ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي جو صفائي ڪندڙ عملي جو چيئرمين آفيس اڳيان احتجاج زوردار نعريبازي صفائي ڪندڙ عملي ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي جي مک گيٽ اڳيان شهزاد مسيح رفاقت مسيح چندو لال منير مسيح جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي دانهيو آهي حڪومت طرفان وڌايل پگهار ٽن مهينن کان نٿي ڏني وڃي سڄي شهر جي گندگي صاف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34